# سنڌي غزل جي ارتقا

ايم. اي. فائنل (سنڌي) لاءِ پيش ڪيل مونوگراف

عبدالغفور سومرو

# سنڌي غزل جي ارتقا

ايم.اي. فائنل (سنڌي) لاءِ پيش ڪيل مونوگراف

عبدالغفور سوهِرو

ڇاپو پھريون          جولاءِ ١٩٦٦ع

ڪاپيون ھڪ ھزار

( *All Rights Reserved with the Institute of Sindology, University of Sind.* )

قيمت - ھڪ رپيو

سلھ جو ھنڌ

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد

ھيءَ ڪتاب محترم اعجاز محمد صديقي، مئنيجر،
سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپيو، ۽ خواجہ غلام علي الانا،
اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ان کي شايع ڪيو.

# ناشر طرفان ٻه اکر

زنده قومون پنهنجي ادبي سرمايي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏين ٿيون، ۽ ان کي وڏي قدر ۽ شان سان سموهين ۽ سانڍين ٿيون. هر ڪا قوم ”اڄ“ ۽ ”ڪالهه“ جي پيٽ مان پيدا ٿي، ”سڀاڻي“ کي جنم ڏئي ٿي. جنهن قوم ”اڄ“ جي حالات ۽ ”ڪالهه“ جي تصور (تاريخ) کي اهميت ڏني، اهائي قوم سڀاڻي سرهي ٿيندي. باقي جا قوم”ڪالهه“ جي تصور کان غافل ۽ بي نياز رهي ٿي، اها هڪ اهڙي سڪل ٻنڊ وانگر آهي، جنهن کي وقت ۽ حالات جا گرد آلوده تهه پنهنجيءَ آغوش ۾ ويڙهي، هستيءَ جي دنيا کان هزارين ٻلڪ لکين ڪوهه پري وڃي ٿا ڇڏين. ان ڪري، ڪنهن ٻه قوم جي صحتمند ۽ سالم ادب کي ئي ان قوم جي زندگي سڏيو ويندو آهي.

اسين قومي زندگيءَ جي حيثيت سان اڄ ڪهڙي موڙ تي بيٺل آهيون، تنهن لاءِ اسان جون ”اڄ“ جون حالتون شاهد آهن. اسان وٽ پنهنجو صحتمند معاشرو آهي. اسان وٽ ادبي فڪرن ۽ رجحانن جي هڪ وسيع

۽ رنگارنگي دنيا آباد آهي ؛ قديم ۽ جديد قدرن سان
ڀرپور ادب آهي ، ۽ تاريخ آهي. ليڪن انهيءَ سڀ
ڪجهه هوندي به، اسين پاڻ کي هڪ سڌريل ۽ ادبي
حيثيت سان شاهوڪار قوم نٿا سمجهون. اهو انهيءَ
ڪري جو اسان جهڙيءَ ريت ”اڄ“ جي حالات تي
توجهه نه ڏنو آهي ، تهڙيءَ ئي ريت ”ڪالهه“ جي
حالات ۽ واقعات تي به ڌيان نه ڏنو اٿئون. نتيجي طور،
اسان جي ادب جو تاريخي ۽ تحقيقي پهلو ، جنهن
کي ادبي عمارت جي پيڙهه چئجي، نسبتاً ڪمزور تي
رهيو آهي.

سنڌي ادب کي مختلف صنفن سان مالا مال ڪرڻ
۽ سنڌ جي نوجوان طبقي ۾ تحقيق جو چاهه جاڳائڻ،
سنڌ يونيورسٽيءَ جي ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“
جي خاص مقصدن مان هڪ آهي. ”انسٽيٽيوٽ آف
سنڌالاجيءَ“ جي مقصدن مان هڪ هي به آهي ته سنڌ
يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن ۾ ايم. اي. ۽ پي. ايچ
ڊي. جي ڊگرين لاءِ پيش ڪيل ٿيسزون ۽ مونوگراف
ڇپايا وڃن. انهيءَ ئي سلسلي ۾ ، اسان هي پهريون
قدم کنيو آهي ، جو محترم عبدالغفور سومري جو لکيل

مونوگراف، ”سنڌي غزل جي ارتقا“ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي، پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪري رهيا آهيون. حالانڪ هي مونوگراف، ايم. اي. فائنل جي امتحان لاءِ، سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ سال ١٩٦٣ع ۾ پيش ڪيو ويو هو، پر هن ڪان اڳ ۾ لڪايل ٿيسزون ۽ مونوگراف نظر انداز ڪري، پهرين هن مونوگراف کي ڇپايو پيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اسان جو خيال آهي ته سڀ ڪان اول اهڙا ڪتاب مهيا ڪيا وڃن، جيڪي سنڌي ادب جي شاگردن ۽ استادن توڙي سنڌي ادب سان چاهه رکندڙن جي عام ضرورتن کي پورو ڪن، ۽ سندن مطالعي ۾ مددگار ثابت ٿين.

هن مونوگراف ۾، جيئن پڙهڻ سان ظاهر ٿيندو، ڪافي قيمتي معلومات يڪجا ڪئي وئي آهي. سنڌي ادب ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ غزل جي تاريخ، ابتدا کان وٺي قليچ ۽ سانگي دور تائين، مجموعي طور سمجهائي ويئي آهي. مسٽر عبدالغفور سومري غزل جي پيرائتي معلومات، سنڌي غزل جي ارتقا، ۽ غزل جي نمائنده شاعرن جي غزلن جون خاص خصوصيتون، چڱيءَ طرح، مثالن سان سمجهايون آهن. اميد آهي ته

پڙهندڙ سومري صاحب جي محنت جو قدر ڪندا، ۽ خاص طرح سنڌي ادب جا شاگرد هن مونوگراف مان گهڻو فائدو حاصل ڪندا.

هي ڪتاب ”انسٽيٽيوٽ“ جي ٻي پيشڪش آهي. اميد آهي ته سنڌي ادب جا شيدائي، اشاعتي معاملن جي عام دشوارين کي محسوس ڪندي، هن علمي ۽ تهذيبي اداري سان تعاون ڪندا. اسين هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته جيئن قيمتي ۽ نادر ڪتابن تي مشتمل لائبريري قائم ڪئي اٿئون، تيئن سنڌي ادب جا قيمتي شهپارا به هڪ ٻئي پٺيان ڇپائي پڌرا ڪريون.

**محمد حنيف صديقي**
آنرري ڊائريڪٽر
انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي
سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد

# تمهيد

سنڌ يونيورسٽي جي ايم- اي (فائنل) سنڌيءَ جي امتحان لاءِ، سون کي "سنڌي زبان ۾ غزل جي اتقا" جي موضوع تي مقالي پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي. موضوع جي لحاظ کان، منهنجو مقالو ڪيتريقدر مشڪل ٿي سگهي ٿو، سا ڳالهه ارباب دانش چڱيءَ ريت ڄاڻي سگهن ٿا. علم عروض جي پابندين هيٺ، قصيدي، غزل ۽ رباعيءَ کي وڏي اهميت آهي. هڪ قصيدي مان شاعر جي پرواز تخيل ۽ انجي شعر جي استعداد جي خبر پوي ٿي. رباعيءَ ۾ مضمون بندي ۽ مضمون آفرينيءَ کي سامهون رکيو وڃي ٿو. مگر غزل، جنهن کي عوامي حيثيت حاصل آهي، پنهنجي اندر قصيدي جي شوڪت ۽ رباعيءَ جي ندرت رکي ٿو. ان تي هڪ مقالو پيش ڪرڻ، تڪليف پريو ڪم هو. هن ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻو پيو، جن جا حوالا جابجا مقالي ۾ ڄاڻايل آهن. خصوصيت سان هيٺين ٻن ڪتابن مان خاص مدد ملي اٿم :- ١- مقدمہ شعر و شاعري، از مولانا حالي، ۽ ٢- شعرالعجم، از علامہ شبلي. انهن ڪتابن کانسواءِ، "رهنماي شاعري"، مصنف ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل'،

تان ۾ استفادو ڪيو اٿم . ڊاڪٽر صاحب غزل تي ڪو گهڻو نہ لکيو آهي پر جو ڪجهہ لکيو اٿس ، سو سنڌي غزل کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ڏئي ٿو. مقالي کي پنجن حصن ۾ ورهايو اٿم ، جنهن ڪري ڪيترن ديوانن تان ۾ عبور ڪيو اٿم . بهرحال ، هي مقالو پنهنجيءَ نوعيت جو آهي ، ۽ سنڌي ادب ۾ انفرادي حيثيت رکي ٿو. مون ان کي وڌ کان وڌ ڪارگر بنائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي ، خدا ڪري تہ منهنجو هيءُ پورهيو قبوليت جو شرف حاصل ڪري .

آخر ۾ هيءَ احسانفراموشي ٿيندي جو مان ان شخص جو شڪريو ادا نہ ڪريان ، جنهن جي شفقت پريءَ رهبريءَ هيٺ مون هن مقالي کي لکيو آهي . اهو آهي سنڌ جو مشهور اديب ۽ شاعر ، محترم لطف الله بدوي صاحب . دعا آهي تہ خدا کيس اڃا ۾ همت ۽ طاقت بخشي جو سنڌي ادب جي زياده خدمت ڪري سگهي .

شڪارپور — عبدالغفار سومرو

مئي ، ١٩٦٣ع

# باب پهريون

## علم عروض ۽ سنڌي شاعري

سنڌي شاعريءَ جي تدريجي ترقيءَ تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته آن جي ابتدائي تعمير هندي شاعريءَ جي بنياد تي ٿي، جنهن ۾ بيت اچي وڃن ٿا. 'بيت' عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن ۾ عربي شاعريءَ جي قاعدي موجب ٻه سٽون اچن ٿيون. شروع شروع ۾ سنڌي بيت ۾ به ٻه سٽون هيون، جنهن مناسبت سان اهو نالو موزون هو. ٻئي طرف هندي شاعريءَ ۾ دوهي جو وجود آهي، جنهن ۾ به ٻه سٽون ٿين ٿيون. مگر بيت ۽ دوهي ۾ جو تفاوت آهي، آهو هيءُ آهي ته فارسي يا عربي بيت علم عروض جي پابنديءَ هيٺ ٺئي ٿو، ۽ دوهو 'چند وديا' سان تعلق رکي ٿو. جيئن ته سنڌي بيت هندي دوهي سان گهڻو قريب آهي، انڪري ٺيڪ ته ائين گهربو هو ته آن کي 'دوهي' جو نالو ڏنو وڃي ها. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي زماني ۾ ئي، بيت ۾ عجيب تبديلي اچي وئي، يعني بيت جون سٽون ٻن

ڪان وڏيڪ رواج هيٺ آيون، جنهنڪري بيت جو مفهوم
ئي ختم ٿي ويو، ۽ نہ وري سندس شڪل دوهي جهڙي
رهي. سندس مقام ئي انفرادي رهجي ويو. اهڙيءَ حالت
۾، معلوم نٿو ٿئي تہ متس 'بيت' جو ڳالهو ڪهڙيءَ ريت
رهجي ويو. بهرحال، هيءَ آهي آها سنڌي ملڪي شاعري،
جنهن کي سنڌ جي اولين شاعري هجڻ جو فخر حاصل
آهي. اِنهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سومرن ۽ سمن
جي حڪومت جي دور ۾ بيت کي ئي فروغ مليو،
مگر هن چوڻ کان انڪار ٿي نٿو سگهجي تہ ان وقت
بہ سنڌ جو پڙهيل طبقو علم عروض جي پابند شاعريءَ
کان پوريءَ ريت واقف هو. سنڌ جي ٻاهر ۽ اندر فارسي
۽ عربي زبان کي وڏو فروغ حاصل هو، اُن ڪري هيءُ
ناممڪن هو تہ سنڌ جا ماڻهو علم عروض جي بنيادن تي
رکيل شاعريءَ کان غير واقف هجن. سومرن ۽ سمن جي
حڪومت جي دور کان پوءِ، ارغون ۽ ترخان حڪومتن
جي دور ۾ فارسيءَ زياده فروغ ورتو، ڇوتہ وقت جي
حاڪمن جي زبان ئي فارسي هئي. هن دور ۾ اسان کي
انهن سنڌي بزرگن جا نالا گهڻي انداز ۾ ملن ٿا، جي
فارسي زبان ۾ وڏي دسترس رکندڙ هئا. ڪيترائي شاعر

ٻہ هئا، جن جي شاعريءَ جي ساراهہ خود ايران جي نقادن ڪئي آهي. مٿين تمهيد ڏيڻ مان منهنجو مقصد اهو آهي تہ سنڌ جا رهڻ وارا علم عروض کان گهڻو اڳ واقف ٿي چڪا هئا. سندن اها واقفيت ايتري ئي قديم هئي، جيترو سنڌي بيت.

علم عروض جي پابندين هيٺ سنڌي شاعريءَ ۾ پهريائين ڪهڙي صاحب شعر قلمبند ڪيو، آنجو صحيح نشان هاڻي لڳائڻ بيحد مشڪل آهي، مگر ان بابت جا تحقيق ڪئي وئي آهي، آن مان هيٺين معلومات حاصل ٿي سگهي آهي. ”تذڪره لطفي“جو صاحب لکي ٿو (١) :

”علم عروض جي قاعدن تي سنڌي شاعريءَ جو بنياد، عام طرح اوڙهين صديءَ کان ليکيو ويندو آهي، مگر سنڌي شاعريءَ جي نئين تحقيقات تي نظر ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ هيءُ خيال بنهہ غلط آهي. قديم شاعريءَ جي ورقن آٿلائڻ سان هيءَ مشڪلات گهڻي قدر حل ٿي چڪي آهي. علم عروض تي سنڌي شعر جي پيڙهہ گهڻو اڳي رکي وئي هئي، جو زمانو خليفي

(١) لطف الله بدوي : ”تذڪره لطفي“، حصو ٣، ص ١٢ء.

گل محمد جي دور کان گھٽو آڳاٽو آهي."

جيئن تحقيقات مان معلوم ٿئي ٿو، علم عروض تي ٻڌل شعر ۽ شاعريءَ جا پهريان اهڃاڻ اسان کي مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ جي ڪلام ۾ نظر اچن ٿا. سندس هيٺئين مطلع کي پڙهڻ مان، علم عروض جي ساخت ۽ پرداخت جي خبر پئي ٿي:

" منارا مير مرسل جا، ڏسان شل ڏيهه سڀ ڏوري،
هلي هالڻ، مٽي ميسا، آنڙپور کي چڙيان اوري."

مٿين ٻن سٽن تي نظر ڪرڻ سان خبر پوندي ته هي علم عروض جي بنياد تي ٻڌل شعر آهي. هي شعر بحر هزج مثمن سالم ۾ موزون ڪيو ويو آهي. مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ وارو زمانو سترهين صدي آهي، ۽ هو شاهه عبداللطيف جي بلڪل قريبي زماني ۾ گذريو آهي. مخدوم صاحب جي هن شعر کي ڏسي، اسين هن نتيجي تي پهچي سگهون ٿا ته آن وقت سنڌي شاعريءَ ۾ علم عروض داخل ٿي چڪو هو، اگرچ ان کي ايترو فروغ نه مليو هو، يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته انهن اڳين جو شعر وقت جي دستبرد کان برباد ٿي ويو هجي؛ ڇو ته خود مخدوم صاحب جو ڪلام جيڪو

اسان تائين پهتو آهي، اهو به ڪي ٿورا مولود آهن، ٻ بس.

مخدوم صاحب جي زماني کان پوءِ جيڪڏهن اسين نظر ڪريون ٿا ته آتر سنڌ جو هڪ ناميارو شاعر اسان کي نظر اچي ٿو، جنهن جي هڪ مدح علم عروض جي ارڪانن تي جوڙيل ملي ٿي. آهو هو خليفو صاحبڏنو شڪارپوري. سندس مدح ۽ جنهن کي مسدس چئجي، هيٺينءَ ريت اچي ٿي(۱):

ملڪ مقرب جي نه هئي، جاتي نبين جايگاه
سا سنڌءِ جيءَ جاءِ خوش خوب آ ڏنهن بارگاه
تخت سر قدرت قدم بيشڪ رکيو تو بادشاه
سر اوهان دستار دولهم، تاج قدرت جي ڪلاه
اغثني يا سيدا، رس يا نبي خير البشر
غور ڪر غمگين جو اي نور نافع نامور

خليفي صاحبڏني کان زياده آڳاٽو ڪلام، علم عروض جي ارڪانن تي، خليفي ڪرم الله صاحب جو آهي، جنهن ۱۱۴۰ هجري مطابق سن ۱۷۳۱ع ۾ شڪارپور ۾

(۱) "تذڪره لطفي"، ج ۲، ص ۳۱۰

وفات ڪئي. سندس ٻه هڪ مدح آهي، جا مخمس جي صورت ۾ آهي(١) :

تون جو آهين شاه منهنجو ، تون جو آهين دستگير
تون ولهين جي واه آهين، تون ئي واهر آنهه ويرِ
تون ئي آڌر آنهه اڙين جو، تون ئي منهنجو آنهه مير
تو بنا ڪونهي وسيلو ، تون وسيلو آنهه ويرِ
شاهه منهنجي واه ڪر ڪا ، غوث اعظم دستگير

مٿي جي ٻه مداحون ڏنيون ويون آهن، آهي بحر رمل ۾ آهن. هيءَ آتر سنڌ جي حقيقت آهي، مگر زيرين سنڌ ۾، جنهن ”تذڪره لطفي“جو مصنف ، محترم محمد خان ’غنيءَ‘ جي روايت سان ڏيکاري ٿو ، ٺٽي ۾ ڪي اهڙا شاعر موجود هئا، جن جو علم عروض جي بنيادن تي جوڙيل شعر موجود آهي(٢). ٺٽي جي شاعرن ۾ اسان کي هيٺين شاعرن جي معلومات ملي ٿي:

١- نور محمد خستہ: هي ٺٽي جي ابتدائي وستيءَ ’وسئن‘ ۾ رهندو هو. هي صاحب ٻارهين صدي هجريءَ ۾ رهيو ٿي، ۽ سال ١١٣٠ هجري مطابق سن ١٧١٧ع ۾

---

(١) ”تذڪره لطفي“، ج ٣، ص ١٤١٤
(٢) ايضاً

حيات هو. ڇيو وڃي ٿو ته هو ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شاگردن مان هو. سندس جيڪو شعر دستياب ٿيو آهي، آهو هيٺ ڏجي ٿو (١):

تا بر افگندي از رخ تو نقاب    حشر ٿيو آفتاب لايو تاب
محب ماڻا نہ ڪر مٺامون سان    خوبرو خصلتون سکين ٿو خراب
آن صنم کز تصادم هجران    رات ڏينهن رهان ٿو خورو خراب
تابش حسن بي مثال تنهنجي    بره ڏيئي وري ڪيو بي تاب
خستہ و خراب منجهہ وسئن    نيست ديگر کسي ز شيخ وشاب
سون جئن

٢- مرزا تقي: مرزا صاحب سنڌ جي مشهور مغليہ نواب حفظ الله خان جي دربارين مان هو. سندس زندگيءَ جو پيو وڏيڪ ڪوبہ احوال ميسر ٿي نہ سگهيو آهي. سندس گهڻو شعر بہ ڪو دستياب نہ ٿيو آهي، فقط هڪ شعر منسوب ٿيل ملي ٿو (٢):

اڇي محبوب گهر پيهي    پريان پوءِ ٿي اجل پيدا

٣- حافظ عالي: هي صاحب قوم جو سيمڻ هو. 'مومن' نالي هڪ شاعر جو شاگرد هو، جو

(١) "تذڪره لطفي"، ج ٣، ص ٤١٤.
(٢) ايضاً

اسلام ڪوٽ جو ويٺل هو. سندس شعر جو دستياب ٿيو آهي، سو هينئنءَ ريت آهي (١):

آهه اسلام ڪوٽ ۾ منهنجو مرد 'مومن' مجاز جو مهندار
ڪنهن سڃاتو نه سڃاڻ جو معرفت ۾ مٿي سندس مقدار
سڪ وارن سبق سريو سالم پرت وارن پسيو پرانهون پار

٣- ميان چتن: حافظ عاليءَ جو ٻيو همعصر ميان چتن نالي شاعر ٿي گذريو آهي، جو ٽڪڙ جو ويٺل هو ۽ مور تعلقي ماتليءَ جي بزرگن جي شاگردن مان هو. ڇيو وڃي ٿو ته سندس شعر گهڻوئي موجود هو، پر زماني جي دستبرد ڪان تباهه ٿي ويو. هينيون ڪلام سندس آهي(٢):

پرانهون پرين، پيو نه پانهي پرو
سڪا سند سيني ڪي سرئو سرو
ونيون واجهه ويتر، وجهن واءِ واءِ
ڪري قرب واڍوڙين ڏي وَرو
پسي پاند پازي جو پِر بوتراب
گنهگار جو آهه گولو گرو.

(١) "تذڪره لطفي"، ج ٣، ص ٤١٤
(٢) ايضا

بهرحال، هي ٿورا عنوان آهن، جن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته علم عروض تي رکيل شاعريءَ جو سنڌ ۾ ڪڏهن بنياد پيو. هن حقيقت کي ڏسندي، اسين هڪ ٻئي سنڌ جي عظيم شاعر، سيد ثابتعلي شاهه کي وساري نٿا سگهون، جو پڻ ٻارهين صديءَ هجريءَ جي پيداوار هو.

ثابتعلي شاهه.

جيئن شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، ثابت علي شاهه جي مرثين جي منڍ ۾ لکيو آهي، هي مشهور شاعر سن ١٧٤٠ع ڌاري ملتان ۾ ڄائو. جوانيءَ جي سن ۾ هو، ته سيوهڻ ۾ حضرت شهباز قلندر جي زيارت لاءِ نڪري پيو. سيوهڻ پهچي، شهباز قلندر جي زيارت ڪرڻ کان پوءِ نٿي پهتو، جتي سندس واقفيت سنڌ جي مشهور شاعر محمد محسن جي فرزند، مولوي 'مداح' سان ٿي، جو پڻ پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. ثابت علي شاهه سندس صحبت ۾ شعر ۽ شاعريءَ ڏانهن رجوع ٿيو ۽ پنهنجيءَ طبيعت جي استعداد سبب، جلدئي مشهور ٿي ويو، ايتريقدر جو سرفراز خان ڪلهوڙي وٽ بيحد عزيز ٿي ويو. ڪلهوڙن جي زوال کان پوءِ، سنڌ

تي جڏهين ٽالپرن جي حڪومت جو دور دورو ٿيو، تڏهن ٽالپرن به ڪيس وڏيءَ عزت سان پاڻ وٽ رکيو؛ مير ڪرم علي خان ته ڪيس پنهنجو مصاحب بڻايو. آخري عمر ۾ هو سيوهڻ ۾ مستقل طرح اچي رهيو.

ثابت علي شاهه صحيح معنيٰ ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ علم عروض تي جوڙيل ڪلام کي آندو ۽ فروغ ڏنو. نه فقط ايترو، بلڪ شعر ۾ فارسي بندشون ۽ تشبيهون به آنديون. سنڌس مرثين تي، جي ٽن حصن ۾ آهن، جيڪڏهن نظر ڪجي ته سنجهن عروضي شاعريء جا سيپئي نمونا نظر اچن ٿا — جهڙوڪ مثلث، مربع، مخمس، مسدس، سلام، قصيدو وغيره. ثابت علي شاهه جي هن جديد طرز جي باعث، سنڌي شاعريءَ ۾ نيون نيون راهون کليون پيون. ائين ڪٽي چئجي ته سنڌي زبان ۾ هن جديد شاعريءَ جي بنياد کي پختو ڪري، عمارت کي اڏيو. هيٺ سنڌس شعر مان مسدس جا ڪي بند ڏجن ٿا، جي سنڌس سنجيده ۽ متين شاعريءَ جي پوري پوري عڪاسي ڪن ٿا:

شام غربت مثل هو، صبحِ يتيمانِ حسين،
صبح محشر مثل ٿيو شامِ غريبانِ حسين،

صبح‌شام اِن پر تي ڪئي فرياد طفلانِ حسين:
اي خدا، آهيون اسين ناموس نالانِ حسين،
يا اسان کي ڪربلا ني، جت حسين و ڪربلا،
يا مديني وار واڳون، جت اسان جو مصطفىٰ.

• • •

شاهه جا ماريا جڏهين مظلوم خويش و اقربا،
قاسم و عباس سوڌا اڪبر و اصغر ڪنا،
چيائين وارو آ اسان جو، جيڏا ۾ سرتا ويا،
در تي خيمي جي اچي چيائون ته اي زين العبا،
اهل عصمت عرض ڪيو، اي قبلهٔ دنيا و دين،
هي غضب ڏس، غش ۾ آهي تنهنجو زين العابدين.

سندس سلام جو نمونو هيٺينءَ ريت ٿو اچي:

ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر، اي آسمان!
ڪئن ڏنئي نيزن چڙهيا، شاهن جا سر، اي آسمان!
هي خدا جا قطب تارا، عرش ڪرسي جا جڙاءَ،
هي رسول الله جا شمس و قمر، اي آسمان!
مرتضىٰ مولا جا هي سر ساهه ۾ سنهن نور عين،
فاطمه زهرا جا هي جان و جگر، اي آسمان!

ثابت علي شاهہ جي مٿئين ڪلام مان بخوبي خبر پوندي تہ ڪيئن نہ هن شاعر پنهنجي انداز فڪر سان سنڌي شاعريءَ کي نئين رنگ ۽ ڍنگ تي آندو.

# باب ٻيو

## عروض جي ايجاد، بحر ۽ صنفون

دنيا ۾ علم ۽ فن جي ترقي هڪ ئي وقت تي نہ ٿي آهي، بلڪ حقيقتن سان معلوم ٿئي ٿو تہ آنهن جي ترقي، انسان جي طبعي قوتن وانگر، آهستي آهستي ۽ درجي بدرجي ٿيندي رهي آهي. جڏهن ڪنهن شي جي ايجاد جو وقت اچي ٿو تہ خداوند ڪريم هڪ اهڙي دماغ کي انتخاب ڪري ٿو، جو پنهنجي طبعي ڪمال ۽ محنت سان ان کي تڪميل تي پهچائي ٿو. پوءِ اها ايجاد انجي نالي سان ئي منسوب ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت، 'علم عروض' جي ايجاد جو مشقت ڀريو ڪم ابو عبد الرحمان خليل بن احمد الفرهيديءَ جي هٿان ٿيو.

### خليل بن احمد:

هي نامور عالم سن ١٠٠ هجريءَ ۾ بصري ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي وقت جي اُستادن کان بهترين تعليم حاصل

ڪيائين . عربي ادبيات جي ساندهم مطالعي ، منجهس امتيازي صلاحيت پيدا ڪئي. نحو ۽ لغت جي علمن ۾ وقت جو امام شمار ٿيڻ لڳو. علم عروض جي ايجاد بابت اڪثر مورخن هيٺينءَ ريت ساڻس روايت منسوب ڪئي آهي(١) :

” هڪ پيري خليل مڪي شريف جي زيارت لاءِ آيو. هن ڪعبي شريف ۾ ويهي دعا گهري ته ’رب العالمين، مون کان ڪنهن اهڙي علم جي ايجاد ٿئي، جنهن سان منهنجو نالو هميشه لاءِ زنده بڻجي وڃي‘ . چيو وڃي ٿو ته سندس هيءَ دعا مقبول ٿي ۽ ڪانئس هڪ نئين فن جو بنياد رکيو ويو ، جنهن کي علم عروض سڏجي ٿو.“

روايت آهي ته هڪ ڏينهن خليل ٺانارن جي دڪانن کان گذري رهيو هو ته ڪيس ٺترڪن جي ٺڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. خليل موزون طبيعت جو مالڪ ۽ موسيقيءَ ڏانهن مائل هو ، سو اُن آواز تي ڪيس خيال پيدا ٿيو ته هن آواز جو به ڪوئي وزن ٿيڻ گهرجي. هن گهڻي غور کان پوءِ انهيءَ ٺڪ ٺڪ کي ’فعلن‘ جي وزن تي تجويز ڪيو. جئن ته موسيقيءَ

* اصغرعلي روحي : العروض و ”القوافي“، ص ٤.

جو مدار وزن ۽ آواز جي نشيب ۽ فراز تي رکيل آهي، جنهن کي خليل ڄاڻندو هو، تنهنڪري کيس خيال پيدا ٿيو ته ڪنهن به نغمي جي لاءِ آواز جا وزن مقرر ڪري سگهجن ٿا، ڇو ته نغمو هميشه موزون ڪلام جي صورت رکي ٿو. اهو خيال ڪري، هو قديم عرب جي شاعرن ڏانهن رجوع ٿيو. گهڻيءَ توجهه ۽ محنت کان پوءِ، هن معلوم ڪري ورتو ته عرب جو شعر پندرهن بحرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت، خليل علم عروض جو بنياد رکيو. 'علم عروض' جي هن ايجاد سببان خليل گهڻي مشهوري حاصل ڪئي، ۽ سندس همعصر عالمن سندس بيحد تعريف ڪئي. ايڏي علم ۽ فضيلت جي باوجود، هو بصري شهر کان ٻاهر هڪ جهوپڙيءَ ۾ پنهنجي زندگي گذاريندو ٿي رهيو. وقت جي حاڪمن کيس پاڻ وٽ اچڻ لاءِ دعوتون ڏنيون، پر هو انڪار ڪندو رهيو. سندس مشهور تصنيف "ڪتاب العين" آهي، جو عربي ادب ۾ مشهور ڪتاب آهي. هي باڪمال شخص سن ١٧٠ هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو. هن علم عروض بابت جيڪا تحقيق ڪئي، ان جي روشنيءَ ۾، ڪانئس پوءِ شعر ترقي ڪندو رهيو.

## علم عروض جي تعريف:

هيءُ سوال پيدا ٿي سگهي ٿو ته علم عروض جي ترتيب کان اڳ ۾ شعر جي وزن جي غلط ۽ صحيح هجڻ جو ڪهڙو معيار هو؟ ان جو جواب هي ٿي سگهي ٿو ته جاهليت جي زماني ۾ اهل عرب محض پنهنجي فطري ذوق جي ڪري شعر چوندا ٿي رهيا، ۽ صحيح چوندا ٿي رهيا. پر جڏهن فتوحات جي ڪري عربن جو عجمين سان واسطو پيو، تڏهن ائين ممڪن هو ته سندن اڳيون ذوق سليم باقي نه رهي ها ۽ خالص عربيت ۾ فرق اچي وڃي ها. مگر خدا جو شان، پهرين صدي هجريءَ جي پوري ٿيڻ سان خليل بن احمد پيدا ٿيو، جنهن علم عروض جو بنياد رکيو، جو علم ادب جو هڪ اهم جزو بڻجي پيو.

علم عروض جي ابتدا جيئن ته مڪي شريف ۾ ٿي، ۽ مڪي شريف جو ٻيو نالو 'عروض' به آهي، تنهنڪري، هن علم تي اهو نالو ان جي مناسبت سان رکيو ويو آهي (١). جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي، خليل بن احمد عرب شاعرن جي ڪلام جا پندرهن بحر

---

(١) اصغر علي روحي: "العروض و القوافي"، ص ٣٨.

ايجاد ڪيا هئا. اگرچ ڪن نقادن جي راءِ آهي تہ انهن بحرن تي پين بحرن کي بہ وڌائي سگهجي ٿو، مگر حقيقت هيءَ آهي تہ هنن پندرهن بحرن کان سواءِ ابوالحسن اخفش نحويءَ فقط هڪ بحر متدارڪ جو ئي پتو لڳايو. مگر عجم وارن ڪن بحرن کي ضرور ايجاد ڪيو آهي. بحرن جي يادداشت هيٺ ڏجي ٿي:

| بحر جو نالو | ارڪان | ڪيترا دفعا |
|---|---|---|
| طويل | فعولن مفاعيلن | چار ڀيرا |
| مديد | فاعلاتن فاعلن | ” ” |
| بسيط | مستفعلن فاعلن | ” ” |
| وافر | مفاعلتن | اٺ دفعا |
| ڪامل | متفاعلن | ” ” |
| هزج | مفاعيلن | ” ” |
| رجز | مستفعلن | ” ” |
| رمل | فاعلاتن | ” ” |
| سريع | مستفعلن مستفعلن مفعولات | ٻہ دفعا |
| منسرح | مستفعلن مفعولات | چار دفعا |
| خفيف | فاعلاتن مستفعلن | ” ” |
| مضارع | مفاعيلن فاعلاتن | ” ” |

| | | |
|---|---|---|
| مقتضب | مفعولات مستفعلن | چار دفعا |
| مجتث | مستفعلن فاعلاتن | „ „ |
| متقارب | فعولن | اٺ دفعا |
| متدارڪ | فاعلن | „ „ |
| قريب | مفاعيلن مفاعيلن فاعلاتن | ٻہ دفعا |
| جديد | فاعلاتن فاعلاتن مستفعلن | „ „ |
| مشاڪل | فاعلاتن مفاعيلن مفاعيلن | „ „ |

قريب، جديد ۽ مشاڪل، متاخرين عجم جي ايجاد آهن، ۽ طويل، مديد، بسيط، وافر ۽ ڪامل عربيءَ سان مخصوص آهن ۽ عجم وارن انهن بحرن ۾ گهٽ ڪلام چيو آهي. باقي ٻارهن بحرن ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام ملي ٿو.

## شعر جا قسم.

علم عروض جي ماهرن جي تقسيم موجب، شعر کي هيٺين قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

(١) بيت.

(٢) مثنوي.

(٣) مثلث.

(٤) رباعي.

(٥) مسمط.
(٦) قطعو.
(٧) مستزاد.
(٨) ترجيع بند.
(٩) ترڪيب بند.
(١٠) قصيدو.
(١١) غزل.

جئن تہ منهنجو مضمون 'غزل ۽ انجي ترقيءَ' بابت آهي، تنهنڪري آءٌ شعر جي ڀڻن سيني قسمن جو ذڪر مختصر طرح ڪندس.

١- بيت.

بيت ٻن مصرعن جو ٺهي ٿو، جي اڪثر ڪري هم قافئي ٿين ٿيون. مثلاً:

ڪيستائين مثل بلبل هي فغان،
ڪيستائين هي چمن ۾ آشيان.

٢- مثنوي.

مثنوي اهڙي شعر کي چئجي ٿو، جنهن ۾ جدا جدا قافين وارا بيت هجن. مثنوي هڪئي وزن ۾ ٺهي ٿي. مثنويءَ ۾ شعرن جو ڪيترو بہ تعداد ٿي سگهي ٿو.

اڪثر وڏا وڏا قصا، ڪھاڻيون ۽ تاريخي داستان مثنويءَ ۾ لکيا ويندا آھن. مثلاً، 'سنڌ جو شاھنامو'، 'يوسف - زليخا'، 'لالہ رخ' وغيره مثنويءَ ۾ لکيل آھن.

٣- رباعي.

ھن کي دوبيتي ۽ ترانو بہ سڏبو آھي. رباعي چئن مصرعن جي ٿئي ٿي. آن جا پھريان ٻہ مصرع ۽ چوٿون مصرع ھم‌قافئي ٿين ٿا. اڪثر شاعرن رباعيءَ کي خاص بحرن ۾ چيو آھي. مثال :

سڀڪنھن جي لھين سار، عليم آھين تون،
ڏيئي نہ ڏکوئين، جو ڪريم آھين تون،
اميد رھي چيو نہ گنھگارن کي،
رحمت جي طلب آھہ، رحيم آھين تون.

٤- مثلث.

مثلث اھو شعر آھي، جنھن ۾ ٽي مصرع ھجن. اھي مصرع بعضي سڀئي ھم قافئي ٿين ٿا، تہ بعضي ٻہ مصرع ھم‌قافئي ۽ ٽيون علحده ٿئي ٿو. مثال:

اسان‌جي حال‌جي ڪھڙي خبر توکي تہ ڇا گذري،
شب فرقت جي ھر ساعت تہ ٻڏجي چڙ بلا گذري،
مصيبت جي گھڙين جو حال جي اوريان تہ مان ڪنھن سان.

### ٥– مسمط.

مسمط جي معنيٰ آهي متفق‌الوزن مصرعا، جي قافئي ۾ به هڪجهڙا هجن. انهن جا جدا جدا نالا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

ا- مخمس— هن ۾ پنج مصرع ٿين ٿا.

ب- مسدس— هن ۾ ڇهه مصرع ٿين ٿا.

ت- مسبع— هن ۾ ست مصرع ٿين ٿا.

ث- مثمن— هن ۾ اٺ مصرع ٿين ٿا.

ج- متسع— هن ۾ نَوَ مصرع ٿين ٿا.

د- معشر— هن ۾ ڏهه مصرع ٿين ٿا.

### ٦– مستزاد.

مستزاد شعر جي انهيءَ قسم جو نالو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڇيل مصرع ۾ جملو وڌائي ڇڏجي. شرط اهو آهي ته اهو جملو انهيءَ ساڳئي بحر جي ڪن رڪنن جي وزن تي هجي. مستزاد جا به ڪيئي قسم ٿين ٿا. مثال:

نظارو نور وجه الله چشمِ جان ۾ آهي،
خيال ءِ ڌيان ۾ آهي،
ظهورِ ذات اقدس صورتِ انسان ۾ آهي،
لقا ايمان ۾ آهي.

٧– ترجيع بند:

ٿورا شعر، جي هم وزن ۽ هم قافئي هجن؛ ان جا آخري شعر جدا هجن، جي به ٽين ٽا ۽ هم قافئي ٿين ٿا. پهريان شعر جا بند سڏجن ٿا، ۽ اهي بند جداجدا ٿين ٿا، پر انهن جا به پويان شعر وري ڪورس جي صورت ۾ اچن ٿا.

٨– ترڪيب بند.

ترڪيب بند جي صورت به ترجيع بند جهڙي ٿئي ٿي، پر ان جا به آخري شعر ترجيع بند وانگر ساڳيا نٿا ٿين، پر جدا جدا ٿين ٿا.

٩– قصيدو.

هيءُ لفظ 'قصد' مان نڪتل آهي. قصد جي لغوي معنىٰ آهي، ڪنهن طرف ڏانهن ارادو ڪرڻ. اصطلاحي طرح اهي شعر، جن ۾ ڪنهن جي ساراهه يا هجو ڪئي وئي هجي. ائين نه آهي ته قصيدي ۾ فقط ساراهه يا هجو ڪئي ويندي آهي، پر ان ۾ ٻيا به مضمون اچي وڃن ٿا، جهڙوڪ زماني جي شڪايت، بهار جي تعريف، وعظ ۽ نصيحت، وغيره. قصيدي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن شعر ۽ وڌ ۾ وڌ ڪيترا به شعر ٿي سگهن ٿا.

سخن وارن وٽ قصيدي جا ٽي قسم ٿين ٿا:

١- قصيده ذوالمطالع، جنهن ۾ ڪيئي مطلع ٿين ٿا.

٢- قصيده مجدد، جنهن ۾ تشبيب نٿي ٿئي.

٣- قصيده مقتضب، جنهن ۾ تخلص نه هجي؛ ۽ هيءُ نهايت مذموم سمجهبو آهي.

قصيدو هيٺين حصن جو ٺهيل ٿئي ٿو:

١- قصيدي جي پهرين ٻن ابتدائي سٽن کي 'مطلع' سڏبو آهي.

٢- قصيدي جي آخري شعر کي، جنهن ۾ شاعر جو تخلص هوندو آهي، 'مقطع' سڏبو آهي.

٣- تشبيب: لغت ۾ 'تشبيب' جي معنيٰ آهي شباب جي زماني جو ذڪر ڪرڻ، جنهن ۾ حسن ۽ عشق جون ڳالهيون هونديون آهن. پر قصيدي ۾ ڪنهن به حسين شي جو ذڪر آندو ويندو آهي، مثلاً بهار وغيره. اهو قصيدي جو تمهيدي حصو آهي.

٤- گريز: تمهيد کان پوءِ گريز اچي ٿو، جنهن جو مقصد آهي ممدوح جي تعريف ڪرڻ. اهو ذڪر اهڙيءَ ريت آندو ويندو آهي، ڄڻ ته نادانسته اچي ويو آهي، ۽ ان جي لکڻ لاءِ ڄاڻي ٻجهي ڪا به

ڪوشش نہ ڪئي ويئي آهي. قصيدي کي ابتدا ۾ عرب شاعرن ايجاد ڪيو. ”سبع معلقہ“ اهي ست قصيدا هئا، جي ايام جاهليت ۾ ڪعبي اندر آويزان هئا. اهي قصيدا عرب جي تمام وڏن شاعرن جا لکيل هئا، ۽ فني لحاظ کان فصاحت ۽ بلاغت ۾ بي نظير هئا. عربن کان پوءِ ايراني شاعرن قصيدي کي ڪمال تي پهچايو، ۽ ان جي ذريعي وڏا وڏا تاريخي ڪارناما عمل ۾ آيا. قصيدي جي فن بابت هڪ مصنف لکي ٿو:

”قصيدو، جنهن جو اصلي موضوع واکاڻ آهي، هڪ وڏي ڪم جي شي آهي، پر ان لاءِ هيٺيان شرط ضروري آهن:

١. جنهن جي ساراهہ ڪئي وڃي، سو سچ پچ ساراهہ جي لائق هئڻ گهرجي؛

٢. مدح ۾ جيڪي ڪي لکيو وڃي، سو سڀ سچ هئڻ کپي؛

٣. ساراهہ ڪيل وصفون اهڙي ڍنگ سان بيان ڪيون وڃن، جو جذبن کي تحرڪ ۾ آڻين

يا چورين"(١).
انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ قصيدو پنهنجيءَ جاءِ تي ڪنهن بہ مضمون جي بيان ڪرڻ لاءِ وسيع ميدان رکي ٿو ۽ شعر جي صنف ۾ مٿانهون مقام رکي ٿو.

(١) ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل: "رهنمائي شاعري"، ج ٣، ص ١٤٧.

# باب ٽيون

## غزل ۽ اُن جي توصيف

’غزل‘ عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي زالن سان گفتگو ڪرڻ، شراب ۽ شباب جون ڳالهيون ڪرڻ. عرب جي ايامِ جاهليت وارن قصيدن ۾، خاص ڪري امرألقيس ۽ زهير بن سلميٰ جي قصيدن ۾ اسان کي عورت ۽ شراب جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو. ان ڪري ڪيترن نقادن جي راءِ آهي ته غزل جو قصيدي سان گهرو سبنڌ آهي. هيءَ راءِ ادبي نقطہ نگاهہ کان قرين قياس به نظر اچي ٿي. هن راءِ موجب، غزل گويا قصيدي جي پيدائش آهي، ۽ ائين چئي سگهجي ٿو ته اهو عربن جي فڪر ۽ خيال جي ايجاد آهي.

غزل جيئن ته عشقي شاعريءَ سان نسبت رکي ٿو، تنهنڪري انساني احساسن ۽ جذبن جو هڪ غيرفاني نقش آهي. غزل کي ايجاد ڪي انهيءَ ڪري ڪيو ويو هو ته ان ۾ هڪ شاعر، پنهنجي دل جي ڪيفيت کي سوز ۽

گداز جي قالب ۾ وجهي اهڙيءَ ريت پيش ڪري، جو ان جي اثر کان سامعين عشق ۽ محبت جو قدر ڪرڻ سکن. انهيءَ ڪري، بعد جي نقادن غزل جي اصطلاحي معنيٰ آهو شعر قرار ڏنو، جنهن ۾ عشقيه مضمون هجي. عشقيه مضمون جي عناصرن ۾ حسن ۽ دلڪشي، فراق ۽ وصال، خال، خط ۽ زلفن جي تعريف مکيه شيون آهن. انهن‌شين جي مناسبت سان، گل ۽ بلبل، شمع ۽ پرواني، ۽ ٻين اهڙين حقيقتن کي نظم ڪيو وجي ٿو، جن مان محبت جي ڪيفيت ۽ وارفتگيءَ جي حالت نمايان ٿئي ٿي.

عرب جي تغزل ۾، مرد 'عاشق' ۽ جنس لطيف 'معشوق' آهي. پر هندستان جي شاعريءَ ۾ ان جي اُبتڙ آهي. آن لاءِ ڪيترين ئي تاويليون ڏنيون ويون آهن، پر هن حقيقت کان انڪار ٿي نٿو سگهي ته فطرت جي طرف کان ئي مرد کي طالب جي حيثيت حاصل آهي، ۽ عورت کي مطلوب جي. اهڙيون به ڪي حالتون ٿي سگهن ٿيون، جن ۾ عورت طالب‌هجي ۽ مردمطلوب، مگر اهي حالتون ورلي نظر اچن ٿيون. جيئن ته فيصلو اڪثريت تي هوندو آهي، ان ڪري مرد کي ئي طالب هئڻ جو فخر حاصل آهي. مگر ايران ۾ حالتون ئي ٻيون

آهن . جيئن ته ايران جي زمين پنهنجي شادابيءَ ۽ رنگينيءَ ۾ منفرد حيثيت رکي ٿي، ۽ آبهوا جي لحاظ کان، شباب جي آغاز ۾، مرد ۽ عورت جي چهري جي ساخت يڪسانيت ٿي رکي، تنهنڪري عشق ۽ محبت جو رنگ هتي پيو ٿو نظر اچي: 'زلفِ گره گير' سان گڏ، 'خطِ سبز' جو ذڪر به غزل جو موضوع آهي. انهن ٽنهي حالتن تي نظر ڪرڻ سان خبر پوندي ته هرهڪ جي ڪهڙي حالت آهي:

١. عربي غزل ۾ بلند آهنگي ، خودداري ۽ استغنا جو شان موجود آهي .

٢. هندي غزل ۾ صنف لطيف جي نزاڪت، عجز ۽ نياز جا جذبا، صبر ۽ رضا، بيڪسي ۽ بيچارگي ڏسڻ ۾ ايندي .

٣. ايراني غزل ۾ ، اعتدال سان ٻئي حالتون نظر ايندیون .

مگر ، آهستي آهستي ، هندستان ۾ غزل ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو آهي . جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي سخن جو موضوع اهڙي عشق جو اظهار آهي ، جنهن کي شباب جو جنون سڏجي، ته غزل بداخلاقيءَ جي آخري منزل تي پهچي وڃي ٿو . پر جيڪڏهن شاعر بلندنظر

آهي، تہ هو هڪ فطرت پرست يا خدا پرست، صوفي يا فلسفي نظر اچي ٿو.

هڪ نقاد لکي ٿو (١):

”غزل کان سواءِ شاعريءَ جا ٻيا جيترا بہ قسم آهن، آهي سڀ مقامي رسم ۽ رواج ۽ ملڪي خصوصيتن جي بيان سان ڀريل آهن. هن جي معنيٰ ٿيندي تہ غزل کان سواءِ شعر جا ٻيا سڀ قسم خارجيت جو اثر رکن ٿا، پر غزل ۾ داخليت زياده آهي؛ ڇاڪاڻ تہ آن ۾ شاعر جي شخصيت پنهنجو جلوو زياده ڏيکاري ٿي. شاعر جي شخصيت آن جي طرز (style) سان ظاهر ٿئي ٿي. هيءُ بہ سچ آهي تہ شاعريءَ ۾ معنويت کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. هيءَ طرز جي دلڪشي ۽ حسن آفريني آهي، جا سخن جو زيور بڻجي، ان جي رعنائين کي دوبالا ڪري ٿي. هن طرز کي لب ۽ لهجو يا بيان جو انداز بہ چوندا آهن. هاڻي ڏسڻو آهي تہ شاعريءَ ۾ لب ۽ لهجو ڪهڙيءَ ريت پيدا ٿئي ٿو. سڀ کان وڌيڪ

(١) مسعود حسن رضوي: ”اردو شاعري“، ص ١٩٢.

ان تي شاعر جي شخصيت جو اثر آهي ، يعني
هو پنهنجي زندگي ڪهڙيءَ ريت بسر ڪري ٿو ،
جنهن کي انگريزيءَ ۾ attitude چئبو آهي .
اخلاص ، تجربو ۽ زباندانی ، سڀئي گڏجي ،
لب ۽ لهجي ۾ پختگي پيدا ڪن ٿا . مطلب
تہ انداز بيان جو دائرو نهايت وسيع آهي ، جنهن
۾ موضوع جو انتخاب، احساس جي شدت، ادبي
خلوص ، فڪر ۽ تاثير ، سڀئي شيون اچي وڃن
ٿيون. جيڪڏهين اسين انهن شين کي خاص طرح
غزل کان علحده ڪري ڇڏيون ، تہ ان جي
ترتيب ئي بگڙي ويندي. ان ڪري غزل جي
انفراديت کي سڃاڻڻ بيحد مشڪل آهي ."

نہ فقط انداز بيان جي لحاظ کان، بلڪ معنوي لحاظ کان پڻ، بنا ڪنهن ترتيب ۽ خصوصيت جي، سڄيءَ دنيا جا سڀئي مضمون غزل ۾ سمائجي سگهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو شعر جي ٻين قسمن ۾ خيال جو تسلسل بيحد ضروري آهي ، مگر غزل ۾ آن جي آزادي آهي. هم وزن ۽ هم قافئي هجڻ سبب، هڪ غزل جي شعرن کي اسين ترڪيبي نظم سڏي سگهون ٿا، مگر حقيقتاً

هڪ غزل جو هر شعر پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ مستقل دنيا آهي، ۽ ڪنهن به اڳئين يا پوئين شعر سان ان جو رابطو ضروري نہ آهي. جيڪڏهن اهڙي بي ربط گفتگو نثر ۾ ڪئي وڃي، تہ يقيناً اهڙي گفتگو ڪرڻ واري کي مجنون سمجهيو ويندو؛ پر اهوئي مجذوب جو آواز غزل جي جان آهي. مثال طور:

پئي جام ۾ جي عڪس سنڌءِ جلوه گريءَ جو،
دم بند خجالت کان ٿئي شيشي ۾ پريءَ جو.
هر ڪنهن کي ڪرين ٿو نگهۂ ناز سان تسخير،
جي حور سندو ناز تہ غمزو ٿيو پريءَ جو.
اي جوشِ جنون ڏي سنهنجي وحشت کي ترقي،
ٿئي شغل نہ موقوف ڪڏهين جامہ دريءَ جو.
آزاد رهيو گلشنِ هستيءَ ۾ هميشہ،
ڏس، خوب مليو سرو کي ڦر بي ثمريءَ جو.
ڪئن نالۂ بلبل ٿيو عبث خلق ۾ بدنام،
اي يار، پڇو گل کان سبب جامہ دريءَ جو.
ڪجهہ حال پريشان لکان يار کي خط ۾،
اي برق، جي تون قصد ڪرين نامہ بريءَ جو.
(مخلص)

مٿئين غزل جي اسلوب ۽ مضمون تي نظر ڪبي
ته ڪيئي مضمون نظر ايندا، مثلاً:

جام ۾ دوست جو عڪس پوي ٿو؛
دوست ناز سان هرهڪ کي تسخير ڪري ٿو؛
جوشِ جنون وحشت کي ترقي ڏئي ٿو؛
سرو گلشن ۾ آزاد ٿو رهي؛
نالهٔ بلبل خلق ۾ ناحق بدنام ٿيو آهي؛
دوست کي خط ٿو لکيو وڃي.

اهي سڀئي اهڙا مضمون آهن، جن جي پاڻ ۾ ڪا به اندروني مناسبت ڪانهي؛ تنهن هوندي به اهڙي غزل کي ڪامياب سمجهيو ويندو آهي. اسان کي اهڙا به غزل ملن ٿا، جن ۾ ڪي خيال مسلسل به اچن ٿا. اهڙي غزل کي مضمون جي لحاظ کان وڏي فوقيت حاصل هوندي آهي. مضمون جي سلسليوار هئڻ سبب، غزل قصيدي جي صورت اختيار ڪندو آهي. مثال طور:

چند روزه حيات انساني،
فخر آن تي ڪمال ناداني،
تو ته ڄاتو وفا ڪندي توسان،
پر ڪيو فاش راز خاقاني.

عارضي شي رکي نہ قيمت ڪا،
آھہ سودو سندس پريشاني .
زندگي آ چراغِ سحري جانء،
واءُ آئي تہ آھہ ويراني .
راھہ وٺتون آھا، ٿئي جنھن سان
’لطف‘ حاصل مقام سلطاني .

( لطف الله بدوي )

## غزل جي ترتيب

١- غزل جا شعر اڪثر پنجن کان گھٽ ۽ سترھن کان وڌيڪ نہ ھوندا آھن. غزل جي پھرئين شعر کي، قصيدي جي پھرئين شعر وانگر، ’مطلع‘ سڏبو آھي . مطلع کان پوءِ جي مطلع سان شعر پنھي مصراعن سان ھم قافئي ھوندو، تہ اُن کي ’حسنِ مطلع‘ يا ’زيبِ مطلع‘ سڏيو ويندو آھي .

٢- ڪنھن ہ ذئل مصرع تي جيڪڏھين طبع آزمائي ڪبي آھي تہ ان کي ’گرھہ‘ سڏبو آھي، ۽ شعر کي گرھہ لڳائڻ سڏبو آھي . اڪثر مشاعرن ۾ مصرع طرح ڏني ويندي آھي، ۽ ان تي گرھہ لڳائي ويندي آھي .

٣- غزل جي آخري شعر کي 'مقطع' سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ شاعر جو تخلص يا نالو هوندو آهي. تخلص ان فرضي نالي کي چئبو آهي، جو شاعر پاڻ اختيار ڪندو آهي. اها رسم شروع ۾ فارسي ۽ اردو شاعرن اختيار ڪئي هئي، ۽ پوءِ سنڌي شاعرن به اختيار ڪئي.

# باب چوٿون

## غزل جو ارتقائي پس منظر

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي، غزل عربي شاعرن جي ايجاد آهي، جنهن کي فارسي شاعريءَ ڪمال تي پهچايو. اڪثر نقادن جي راءِ آهي ته فارسي شاعريءَ جي ابتدا ۾ غزل ڪا مستقل حيثيت اختيار نه ڪئي هئي، ۽ قصيدي جي شروع ۾ جا تشبيب آهي، تنهن کي ان زماني ۾ غزل سمجهيو ويندو هو. فارسي شاعريءَ ۾ غزل جو پهريون موجد رودڪي(۱) هو، جيئن عنصري (۲) چوي ٿو:

---

(۱) رودڪي، بخارا جي ساماني دور جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. هو امير نصر بن احمد جو درباري شاعر هو. امير وٽ کيس وڏي عزت حاصل هئي. هن ۳۰۴ هجريءَ ۾ وفات ڪئي. چيو وڃي ٿو ته هي اهو پهريون فارسي شاعر هو، جنهن پنهنجو ديوان مڪمل ڪيو.

(۲) عنصري، سلطان محمود غزنويءَ جي دربار جو شاعر هو. سلطان کيس 'ملڪ الشعراءَ' جو لقب ڏنو هو. هن سلطان محمود جي وفات کان ۱۰ سال پوءِ، ۴۳۱ هجريءَ ۾ وفات ڪئي.

غزل رودکی وار نیکو بود، غزلهای من رودکی وار نیست

(روڪيءَ جو غزل چڱو هو، منهنجا غزل
روڪيءَ جي غزلن جھڙا نہ آهن.)

اڪثر نقادن جي راءِ آهي تہ غزل جي ابتدا تصوف جي تحريڪ سان ٿي. ان جي ثبوت لاءِ مولانا جلال الدين روميءَ جو نالو ورتو وڃي ٿو. پر سڀيئي تنقيد نگار هن فيصلي تي متفق آهن تہ شيخ سعديءَ ئي غزل کي غزل بنايو. تنھن هوندي بہ، اهو اولين نقش شمار ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ غزل کي اوج تي پهچائيندڙ امير خسرو هو. هو سعديءَ جي خمخاني جو پياڪ ضرور هو، پر تنھن هوندي بہ هو پنهنجيءَ ايجاد جو صاحب هو. امير خسروءَ غزل ۾ جيڪا جدت پيدا ڪئي، تنھن جو ذڪر علامہ شبلي هيئن ٿو فرمائي:

”غزل جي جان درد، سوز ۽ گداز، جذبات، عشق جا معاملا، عجز ۽ نياز آهن. مگر انهن سڀني سان گڏ هيءُ بہ شرط آهي تہ اهي جذبا ۽ معاملا جنهن زبان ۾ ادا ڪيا وڃن،

اها زبان بہ اهڙي هئڻ گهرجي، بلڪل اهڙيءَ
ريت جيئن عاشق معشوق سان راز ۽ نياز
جون ڳالهيون ڪندو آهي— يعني زبان سادي،
بي تڪلف، لطيف ۽ نياز واري هجي. انهن
سڀني ڳالهين لاءِ ضروري آهي تہ ننڍا ننڍا بحر
هجن، جن ۾ جملن ۽ ترڪيبن جو گهٽ
سونجهارو نہ هجي، ۽ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙا خيال
هجن. هن حد تائين امير خسرو، شيخ سعديءَ
سان دوش بدوش آهي، مگر اڳتي هلي هن
غزل ۾ شاعريءَ جون گهڻيون نئيون ايجادون
ڪيون. امير خسروءَ جا غزل اڪثر اهڙيءَ
زبان ۾ آهن، جيئن بہ ساڻس پاڻ ۾ ويهي
بي تڪلف گفتگو ڪن ٿا. سندس غزلن ۾
ڪٿي ڪٿي خاص محاورا بہ اچن ٿا" (١).

امير خسرو غزل جي هن عيب ڪي بہ گهڻي قدر متايو آهي، جو منجهس مسلسل خيال ڪي آڻي، خاص خاص ڪيفيتن جو نقشو اهڙي خوبيءَ سان بيان ڪيو اٿس، جنهن جو ڪوبہ نظير نٿو ملي سگهي.

---

(١) علامہ شبلي: "شعرالعجم"، حصو ١، ص ١٢٦.

امير خسرو غزل ۾ وجد ۽ ذوق جو صحيح نمونو
سان اضافو ڪيو، مگر خواجه حافظ شيرازيءَ ان ۾ سوز
۽ مستيءَ جو رنگ پيدا ڪيو، جنهن جي ڪري سندس
ديوان کي غيرفاني رتبو مليو. ۽ سندس ساده بيانيءَ
۽ مضمون آفرينيءَ کي الهام سڏيو ويو. کانئس پوءِ
غزل جي زياده ترقيءَ جي ڪا به صورت باقي نه رهي
هئي. حافظ، خسرو جي ايجاد (غزل ۾ مسلسل مضمون
جو هجڻ) کي گهڻو رواج ڏنو، جنهن جا ڪيترائي مثال
اسان کي سندس ديوان مان ملن ٿا. حافظ جيئن ته غزل
جي صنف کي شگفتگيءَ ۽ دلڪشيءَ جي بلنديءَ
تائين پهچائي ڇڏيو هو، ۽ سندس اسلوب بيان جو پيدا
ڪرڻ کانئس پوءِ جي شاعرن لاءِ بيحد مشڪل هو، ان
ڪري پوين شاعرن پنهنجي راهه ئي نئين گهڙي. غزل
۾ هاڻي حڪمت ۽ فلسفي، پند ۽ نصيحت جا نڪتا
سمائجڻ لڳا. ان زماني جي باڪمال شاعرن ۾ عرفي،
فيضي ۽ نظيريءَ کي متانهون مقام حاصل آهي. اهڙيءَ
ريت، غزل آهستي آهستي ترقي ڪري پنهنجي انتهائي
درجي تي پهچي ويو. ان هوندي به اهو تنقيد نگارن
جي سخت تنقيد کان بچي نه سگهيو آهي. علامه شبلي،

جو فارسي شاعريءَ جو وڏو نقاد ٿي گذريو آهي، غزل جي لاءِ پنهنجي راءِ هيٺينءَ ريت ٿو ڏئي :

”ايشيائي غزلگوئيءَ جو هڪ وڏو عيب هيءُ
به بيان ڪيو وڃي ٿو ته منجهس ڪنهن به
خيال کي مسلسل بيان نٿو ڪيو وڃي ۽
هر غزل ۾ ڪيترائي جدا جدا خيال ڏنا وڃن
ٿا. غزل جو مضمون گهڻو ڪري حسن ۽
عشق، معشوق جي سراپا، وصال ۽ فراق جهڙن
معاملن تي ٻڌل ٿئي ٿو. هي اهي مضمون
آهن، جي بار بار غزل ۾ ايندا رهيا آهن،
تنهن هوندي به انهن کي ڪنهن به غزل ۾
مسلسل ۽ تفصيل سان بيان نه ڪيو ويو آهي.
اگرچ اهي ٿورا اعتراض ڪا اهم جاءِ نٿا
والارين، چاڪاڻ ته غزل جي صنف کي
ايجاد ئي انهيءَ لاءِ ڪيو ويو هو ته نن‍ڍڙا
نن‍ڍڙا مفرد خيال جي شاعر جي ذهن ۾ اچن،
سي ضايع نه ٿين. جيڪڏهن غزل کي انهيءَ
ڪسوٽيءَ تي هنيو ويندو ته ظاهر ٿيندو ته
هن صنف جي لاءِ قادرالڪلاميءَ جي ضرورت

آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ غزلگو
شاعر وسيع ۽ وڏي مضمون کي بہ هڪ شعر
۾ ادا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ اختصار جي
ڪري، اهو شعر هرهڪ ماڻهوءَ جي زبان تي
چڙهي ٿو وڃي. هيءَ خصوصيت فقط غزل
کي ئي حاصل آهي. ان ڪري، غزل کي
شعر جي ٻين قسمن کان وڌيڪ عوامي حيثيت
حاصل آهي"(١).

بهر حال، فارسي زبان، عربي زبان کان زياده غزل جي پرورش ڪئي ۽ ان کي ڪمال جي درجي تي پهچايو. فارسي شاعرن جا اسان کي سوين ديوان نظر اچن ٿا، جي گوناگون مضمونن سان پريا پيا آهن، ۽ جن کي ڏسي، غزل جي همہ گير عظمت جو قائل ٿيڻو پوي ٿو.

---

(١) شبلي: "شعرالعجم"، حصو ٢، ص ٢١٩.

# باب پنجون

## سنڌي غزل جي ارتقا

سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي ابتدا ڪڏهن ٿي، تنهن لاءِ ڪا پختي راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن ٽڪڙ جي شاعرن کي غزل جو موجد مڃجي، ۽ 'خسته' جي ٿورين مصرعن کي ڏسي ائين چئجي ته هن سنڌيءَ ۾ عروضي شاعريءَ جي ابتدا ڪئي، ته پوءِ سندس دور جي ٻين شاعرن جي ڪلام کي ڏسڻ به ضروري آهي، جو ملڻ البت مشڪل آهي. نور محمد 'خسته' جو وڏو همعصر 'اويس' شڪارپوري آهي، جنهن جي ڪلام ۾ اسان کي سنڌي غزل جي صورت نظر اچي ٿي؛ مگر ان جو به سنڌي ڪلام ٿورو ميسر ٿي سگهيو آهي. هن ڳالهه کان ڪوبه انڪار نه ڪندو ته سنڌ جي شاعرن جا فارسيءَ ۾ ديوان موجود آهن؛ ٿي سگهي ٿو ته هنن سنڌي زبان ۾ به غزل لکيا هجن، پر جيئن ته اُن وقت ۾ فارسي زبان کي وڏي اهميت هئي،

تنهنڪري اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هنن پنهنجي ڪلام کي محفوظ ڪرڻ جي تڪليف گوارا نه ڪئي هجي، يا وري اهو وقت جي حالتن ڪري ضايع ٿي ويو هجي. سچل سرمست، جنهن جو فارسي زبان ۾ "ديوان آشڪارا" موجود آهي، سو ان جو قوي ثبوت آهي. سچل جي سنڌي ڪلام ۾ اسان کي ڪيترا ئي غزل ملن ٿا، جن ۾ اگرچ ايتري پختگي نه آهي ۽ نه وري انهن ۾ وزن جي پابندي ڪئي وئي آهي، پر تڏهن به انهن ۾ غزل جو رنگ نمايان آهي. مثال طور:

آ ادا سالڪ سهي ڪر تون طلسمات کي،
پيچ دوئي تا ڪل پوئي، دور ڪر درجات کي.
سرّ هي سارو سڄاڻج، ڪن نه ذي ڪرامات کي،
ظاهر ٿئين تا 'ذات' مون، پر سمجهه تون ته 'صفات' کي.
بي اعتباريءَ سان ڪرين هر هر نفي اثبات کي،
اثبات کون اڳنان لنگهي، ۽ ڪر تم طاعات کي.
'سچوُ' روئين چو هيترو، بس ڪر هن برسات کي،
تصديع تون چو ٿو ڏئين محبوب جي محلات کي.

وزن جي ڪمي بيشي پنهنجيءَ جاءِ تي آهي، پر

غزل جا جيڪي لوازما ٿي سگهن ٿا، سي سندس هن شعر ۾ پوريءَ ريت موجود آهن. اسين هن قسم جي ڪلام ڪي غزل ۾ شمار ڪري سگهون ٿا، ۽ سچل جي ڪلام ۾ اهڙا گهڻا مثال آهن. انهيءَ سلسلي ۾، سندس ٻي هيءَ ڪافي به ملاحظه ڪريو:

تيز تير انداز چشمون يار جون خوني خطاب،
ناز پرورده نظر سان، ٿيون ڪرن عاشق ڪباب.
جي اهو لاهي چڏي يڪبارگي نيڻون نقاب،
هي ٿئي ان جي ڏسڻ سان خلق سراپائي خراب.
ملڪ گيري ڪن وڏي غماز سان بس لاجواب،
قتل جي ان ڪان ٿيا، تن تي پيو ڪهڙو حساب.
پيا جڏهن قطرا ڪري بحرين سان سي هئا پر آب،
ٿيا 'سچو' روشن آتانهون آفتاب و ماهتاب.

سچل جي ڪلام ۾ مٿين مثالن ڪي ڏسي، آسانيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي ابتدا صحيح طرح سچل سرمست کان ٿي ٿي. هيءَ تبديلي ميرن جي دور ۾ آئي. مير صاحب پاڻ به فارسي زبان جا شاعر هئا، ۽ مير ڪرمعلي خان جو ته فارسي زبان ۾ ديوان به موجود آهي. مرزا 'احسن'

ڪربلائيءَ جي بيان موجب، سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت جي پوئين حاڪم مير نصير خان (وفات ١٨٤٦ع) جو سنڌي شعر به غزل جي صورت ۾ موجود آهي (١)، جنهن جا مثال ڏجن ٿا:

اعتماد هو جن عزيزن دوستن تي دائما،
ويا ڇڏي گوندر گڏي، تن ڪي نه هاڻي ياد ڪر.
آه بيوطني ۽ دربدري ۽ پڻ قيد و بلا،
زندگي آهي زهر، ڪا، يا خدا، امداد ڪر.

......

نه وجي دل مان خيالِ رخِ جانان هرگز،
خانهٔ عيش نه ٿي، خانهٔ ويران هرگز.
حسن وارن ۾ آهين تون شهه خوبان لاريب،
تو مثل هوندو نه ڪو حسن جو سلطان هرگز.
ڪشورِ حسن پريروءَ جو قبضي ٿيو سندم،
مفت ۾ پيي نه وٺان، ملڪ سليمان هرگز.

مير صاحب جي مٿئين انتخاب مان خبر پوي ٿي ته فارسي زبان جي شاعرن ۾، سنڌيءَ ۾ به غزل لکڻ جو

---

(١) پير حسام الدين راشدي: "مهراڻ جون موجون" ۾ مقالو، پاڪستان پبليڪيشنس، ص ٩٣ - ٩٤

شوق پيدا ٿيو هو. اگرچ مير نصيرخان جي تصنيف سان ٿورا غزل سنڌي زبان ۾ دستياب ٿيا آهن، ۽ اهائي ساڳي حالت سچل سرمست جي نظر اچي ٿي، پر اهي ٿورا غزل اسان کي هن حقيقت جو نشان ڏين ٿا ته سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي ابتدا ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي. اهي ئي اهڃاڻ آهن، جن تي اسين غزل جي نشو و نما جو بنياد رکي سگهون ٿا.

غزل جي انهن ابتدائي اهڃاڻن تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌي شعر ۾ غزل جي ابتدا به تصوف کان ٿي، جيئن اردو ۽ فارسيءَ ۾ ان جي ابتدا تصوف کان ٿي آهي. مولانا شبليءَ جي لفظن ۾، "فارسي شاعري ان وقت تائين بيجان هئي، جيستائين ان ۾ تصوف جو عنصر شامل نه ٿيو هو"(۱). تصوف جي اهميت ۽ اثرآفرينيءَ سبب، غزل جي غيرمعمولي عظمت جو احساس ٿئي ٿو. ان کي پڙهي، هونئن ته سيبئي ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه اثر وٺن ٿا، پر تصوف وارا ته پنهنجي تيز ۽ بيدار احساس سببان ايتريقدر متاثر ٿين ٿا، جنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. سماع

---

(۱) مولانا شبلي: "شعرالعجم"، جلد ۵، ص ۱۲۰.

جي محفل, واه - واه جي نعرن بجاءِ, آه - آه جي صدائن سان پرجي وڃي ٿي. تاريخ جو هيءُ واقعو ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي ته قطب الاقطاب حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي جي سامهون جڏهن سندس هي شعر ڳايو ويو —

ڪشتگانِ خنجرِ تسليم را,
هر زمان از غيب جانے ديگر است!

ته سماع جي انهيءَ مجلس ۾ خواجه صاحب انتقال فرمايو. مرزا غالب, تصوف جي انهيءَ تاثر کان متاثر ٿي, هي شعر ڪيڏو نه عمدو فرمايو آهي, جنهن ۾ تصوف جي سچي توجيهه اچي ٿي وڃي:

جاں کیوں نکلنے لگتی ہے تن سے دمِ سماع,
گر وہ صدا سمائی ہے چنگ و رباب میں.

انهيءَ ۾ ته ڪو شڪ نه آهي ته سچل سرمست جي شاعريءَ جي ابتدا ۽ انتها تصوف آهي. سندس هيٺيون غزل زياده توجهه جي لائق آهي:

دل چئي سان جي چمين پير مغان جو آستان,
محبت سچي محبوب جي بانڪا وڃي تون باس تان.

راهون سيئي گمراه ٿيون جي سون ڀچين تون ڪالهڙي،
ڪر گذر ڀئي گوڙ کان، اٿئي راهه رب جي راستان.
رنگ روح کي جيڪو لڳو، دنيا ۽ عقبيٰ پيو پڳو،
غمزي تنهين گم ڪل ڪيو، وه واه پيا وسواس تان.
'سچو' سدا سڪ ۾ رهين، ستا تون جهلين روئڻيون ا کيون،
هت درد وارن جي پرين پاڻهين ڪرن ٿا پاس تان.

پير مغان جو آستان، سندس شعر ۽ شاعريءَ جو سرچشمو هو. غزل جي گوناگون مضمونن مان، سندس غزلن ۾ تصوف جي ئي وڌيڪ جلوه نمائي آهي. غزل جي هن ابتدائي رهنمائيءَ سان ميرن جي حڪومت جو دور به ختم ٿئي ٿو، ۽ انگريزي حڪومت جو آغاز ٿئي ٿو.

## انگريزي حڪومت جو ابتدائي دور (١٨٤٣ع - ١٩٠٠ع).

### ١. خليفو گل محمد

سنڌ جي عروضي شاعريءَ ۾ خليفو گل محمد آهو پهريون شاعر هو، جنهن پنهنجي سڄي عمر غزل تي طبع آزمائي ڪئي، ۽ پنهنجي پوئتان ديوان يادگار طور ڇڏي ويو. خليفو صاحب هالن جو وينل هو. اندازي موجب، ١٢٧٢ هجريءَ ڌاري، سنڌ کان ٻاهر، عربستان ۾ وفات ڪيائين.

خليفي صاحب جو سچو شعر غزل جي صورت ۾ آهي. اهو پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن غزل جي صنف کي مڪمل صورت ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ديوان تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته سندس ڪلام ۾ آهي سڀيئي لوازما موجود آهن، جي غزل لاءِ ضروري سمجهيا وڃن ٿا. جيڪڏهن عميق نظر سان ڏٺو وڃي ته خليفي صاحب جي شعر ۾، تغزل سان گڏ، تصوف جو عنصر گهٽي قدر موجود آهي. جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، ايراني شاعرن غزل جي ابتدا ئي تصوف سان ڪئي، ايتريقدر جو اڄ سعدي، حافظ، عراقي ۽ جاميءَ جي شاعريءَ کي متبرڪ سمجهيو وڃي ٿو. سندن شعر ۾ شراب، شاهد ۽ ساقيءَ جي لفظن کي وڏي اهميت ڏيئي، انهن جون جدا جدا معنائون پيش ڪيون وڃن ٿيون. تغزل جي معنيٰ آهي، عشق ۽ محبت جون ڳالهيون ڪرڻ. مٿين حقيقتن کي جيڪڏهن سامهون رکي ڏسبو ته ”ديوان گل“ ۾ آهي سڀيئي ڳالهيون گهٽيءَ حد تائين موجود آهن. اسين انهن حقيقتن کي سامهون رکي، ’گل‘ جي غزلن کي پرکڻ گهرون ٿا. ’ديوان‘ جو پهريون غزل، عشق اِلاهي جي شوق

۽ سڪ سان هيئن ٿو شروع ٿئي:

پيالو ميء سندو ڏي پر ڪري، محبوب متوالا،
تہ مستيءَ ۾ محبت جي ڪيون هن هوش کي حالا.
پٽون آهين ايذائڻ ۾ دنيا جا مڙئي مائٽ،
ٽوٽي پائر سڳا چاچا، ٽوٽي ڪي سوٽ ۽ سالا.
اٿئي اي دل، ڏٺيءَ جي دوستي ۽ شوق جي محبت،
دنيا جي عيش عشرت کي پري هڻ تون ڪٽي پالا.
اندر ۾ عشق جنهن جي جاءِ پنهنجي ٿو وهي جوڙي،
وسن برسات جئن دائم، تنين جا نيڻ ٿيا آلا.
جنين کي سڪ دلبر جي، سدا ڏونگر وڻن ڏوريون،
پٽون ٿيا پير پڇڻ ۾، چپر ۾ پيا چلي چالا.

گل جي مٿين غزل ۾ هيٺيون حقيقتون نمايان نظر اچن ٿيون:

(الف) دنيا جي بي ثباتي،
( ب ) انسانن جي بي مروتي،
( پ ) عشق الاهي جو ذوق ۽ شوق.

گل جڏهن دنيا جي بي ثباتيءَ ۽ انسانن جي بيمروتيءَ تي نظر وجهي ٿو، تڏهن پنهنجي قلب جي تسليءَ لاءِ هڪ راهہ ڳولي ٿو، جا آهي عشق ۽ محبت جي

راهہ . هن عشق ۽ محبت کي ظاهر ۾ ته مجازي چئي سگهجي ٿو، پر باطن ۾ اهو ڪڏهن به مجاز تي نٿو سگهي؛ اهو عشق الاهي تي سگهي ٿو. هيءَ سچي تربيت هڪ صوفيءَ جي تي سگهي ٿي. هڪ صوفي پنهنجي طريقي کي ان وقت صحيح سمجهي ٿو، جڏهن هو دنيا ۽ دنيا وارن کان پنهنجا سڀئي تعلق ٽوڙي ٿو، ۽ پنهنجي قلب ۾ الاهي نور کي آجاگر ڪرڻ لاءِ ان جي محبت جو سهارو وٺي ٿو. گل جي ڪلام جو گهڻو حصو اسان کي تصوف جي خيالن سان معمور نظر اچي ٿو. دنيا جي بي ثباتيءَ جو چٽو نقش هيئن ٿو پيش ڪري:

دور دنيا جي ٿي، اي دل، ڪئين آيا ويا،
سک ٿي سورن ٿي، اي دل، ڪئين آيا ويا.
ڪي سوداگر راتو ڏينهان منجهہ ونڻ وڪڻ خراب،
ڪوڙ دنيا جا ڪتي، اي دل، ڪئين آيا ويا.

الاهي محبت جي ذوق جو ذڪر هيئن ٿو فرمائي:

المست عشاق حق جا پارئو،
تا دل تي وتن ڏکن جا چيرا.
شيخن ۾ ڪباب ڪيو پچائين،
جوشن ۾ جگر جوان جيرا.

محبوب وڏئو تنهين جو هڏ ماهہ،
منجهہ شيخ ڪرئو هٽن تا پيرا .
سؤ بار ڪرئو سچا صدق سر،
'گل' گهور ڏيو ڏين تا گهيرا .

بهرحال، اسان کي گل جي غزلن ۾ تصوف جو عنصر گهٽئو نظر اچي ٿو. ان سان گڏ، عشق ۽ محبت جون ڳالهيون، جي غزل جي لاءِ ضروري لوازما سمجهيون وڃن ٿيون، ”ديوان گل“ ۾ موجود آهن . مثال طور:

سور ٿيو سينگار جن جو، ڏک تنين جو آهہ ڏيج ،
وِه ووءِ ٿيو وروهڻ، هاءِ هيَ هيَ آهي هيج.

.......

آهہ جانب ري جڻ جڳ جاڙ سڀ سونسار ميچ .
شهر بازر پينگ بيدي ، بحر بر ٿيو ريل رچ .

رقيبن جي مذمت هن ريت ٿو ڪري :

اگڻ منهنجي ٿلي دلدار تون اچ،
پلي منجهہ حاسدن جي دل پئي ڦچُ.

ساقيءَ کي هينئن ريت خطاب ڪري ٿو:

مون کي هنيو هورن هٽي، ڪو ڏي پري ساقي قدح،
ڪانئي وڌو ڪورن ڪٽي ، ڪو ڏي پري ساقي قدح.

گل جي غزلن ۾ اسان کي ناصحاڻو شعر بہ گهٽي قدر ملي ٿو. غزل جي ابتدائي دور ۾ هيءُ ناصحاڻو

شعر ڏسي، هن حقيقت جو اقرار ڪرڻو پوي ٿو ته سنڌي غزل ابتدا کان ئي فارسي غزل جو تتبع ڪيو آهي، ڇو ته سنڌي غزل ۾ ناصحاڻا نڪتا ۽ فيلسوفاڻا خيال گهڻو پوءِ آيا، مگر گل جي زماني کان گهڻو اڳ فارسي غزل ۾ اهي تبديليون اچي چڪيون هيون، ان ڪري سنڌي غزل ۾ ان جو اچڻ لازمي هو. گل جي هن غزل کي ڏسڻ گهرجي، جو سراپا ناصحاڻو آهي -

پيڙيءَ کي درياهه تي ڪهڙي وقت هاڪارجي:

چوڙ مڪڙي، بيهه م، وٺ، رس، جوان رڙهه،
هير جي ساجي لڳي، ڪڻ جلد سڙهه.

سنگت ۽ صحبت ۾ ڪيئن گذارجي:

تي سنگت صحبت ۾ ماڪيءَ جئن سنو،
منجهه ڪچڻ ڪنهن سان ڪنو تي ڪيم تڙهه.

بازار ۾ ڪيئن خريد فروخت ڪجي:

جي هجي ناڻو ته وچ بازار ۾،
ڏي اول ملهه، پوءِ وٺي جيڪي سو ڳڙهه.

اجائي وڏائي نه ڪجي:

هن جي چئي، هن جي ڪوڏائي تي م خوش،
منجهه هئڻ پرجي م تي ڳڙ وانگي تڙهه.

'گل' غزل جو حقيقي معنيٰ ۾ پهريون نقيب آهي، جنهن جو سڄو ڪلام غزل جي صورت ۾ آهي، ۽ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ مبالغو نہ ٿيندو تہ سندس ئي طرز ڪي ٻئي دور جي غزلگو شاعرن پنهنجي لاءِ منتخب ڪيو.

## غزل جو ٻيو دور

غزل جي ٻئي دور ۾ جن شاعرن جا نالا اهميت رکن ٿا، آهي آهن: قاسم، فاضل، ۽ حامد. انهيءَ دور جي شاعرن تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ جيتوڻيڪ منجهن 'گل' واري سادگي ۽ سلاست ڪانہ آهي، مگر طرز ساڳيي اٿن. جتي هو عشق ۽ محبت جو احوال ٿا اورين، اتي سندن ڪلام ۾ ناصحاڻو انداز بہ گهڻو غالب نظر اچيٿو. مگر هڪ ڳالهہ جا هن دور جي غزل ۾ نمايان نظر اچي ٿي، سا آهي فارسي تشبيهن، استعارن ۽ ترڪيبن جو آزادگيءَ سان استعمال. ائين ڪٿي ڇئجي تہ غزل پنهنجي صحيح صورت اختيار ڪري ورتي. هيٺ اسين هن دور جي غزل تي تفصيل سان نظر وجهون ٿا.

(الف) غزل ۾ عشق ۽ محبت جي مضمون ڪي آٿڻ، غزل جي ابتدائي لوازمات ۾ داخل آهي. ان لاءِ اهڙا جامع لفظ آٿڻ گهرجن، جي دوستيءَ ۽ محبت

جي بيان ڪي وضاحت سان پڌائي سگهن ، پوءِ اها محبت مجازي هجي يا حقيقي. شاعر جو ڪمال اهو آهي ته عشق ۽ محبت جي بيان ڪي پڌائيندي، اخلاق جو دامن هٿان نه ڇڏي . جيڪڏهن هو ائين نه ڪري سگهيو ته سندس غزل فحش نگاريءَ ۽ عريانيت جو اظهار بڻجي پوندو، جو غزل جي شان ڪي مذموم بڻايو ڇڏي . هن دور جي شاعرن عشق ۽ محبت جي بيان ڪي نهايت سادگيءَ سان بيان ڪيو آهي، جنهنڪري ان جي حسن ۽ خوبيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. آخوند قاسم چوي ٿو:

پريت وارن ڪنان پرانهون، م پئہ هڪ پل پرين پيارا ،
نه دوست دمدم آداس تنهنجي رکن اندر ۾ اداس وارا.
ملڻ ڪلڻ جي ستي صفائي، گهڙي نه گهرجي ڪرڻ جدائي،
نه آهي آخر پلي پلائي ، محبتين سان رکڻ مدارا.
م ڪر محبت منجهان ذرو گهٽ ، دري دلاسي سندي پرين پٽ ،
حبيب ويهہ تون اچي اسان وٽ، نه نو بنو نت ڪريون نظارا .
نہ زور ظاهر نہ مون ذرو زر ، ڪڏهن ڪرم ڪر وٺم ونهيان ور ،
آجهو نہ مون پر ٻہ ٽي قدم پر ، اچہ اسان گهر اڪين آجارا.

’فاضل‘ وصال جي طلب ساڳيءَ ريت هيئن ٿو ڪري:

سرئو سر جنهين جي سندو ور سهاڳ،
سهاڳڻ آها، ڏور تنهن کان ڏهاڳ.
پيو هوت جن جي هلي هنج ۾،
قوي تن سندو بخت بيدار ڀاڳ.
حسينن سوا سونهن گهري نه ڪا،
ڦڻي، تيل، سرمو، مسي ۽ مساڳ.
سندو ناز نيڻن چوان بي نظير،
چڱو چالدارن سندو چست چاڳ.

’فاضل‘ ۽ ’قاسم‘ جي غزلن تي جيڪڏهن نظر ڪبي ته متن ’گل‘ جي طرز جو صاف اثر نظر اچي ٿو، پر هڪ بي حقيقت به ظاهر ٿئي ٿي ته خود انهن ٻنهي جي ڪلام ۾ به ڪافي مشابهت ۽ يڪسانيت آهي. شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، ”ديوان قاسم“ جي تمهيد ۾ سچ لکيو آهي:

” ديوان فاضل ۽ ديوان قاسم جيڪڏهن چڱيءَ طرح نظر سان ڪبا، ته ڏسبو ته ٻئي ديوان هڪڙي ئي نموني تي لکيل آهن. جيئن ڪٿي ڪٿي ته هڪڙي ئي شاعر جا اهي ٻئي ديوان

لکيل آهن. شايد سيد فاضل شاهہ مرحوم ۽
مرحوم محمد قاسم جي شعر جي ڇنڊڇاڻ پئي
ٿيندي هئي، ۽ مقرر ڪيل مصرعي تي شعر
ٺاهيندا هئا، يا الائجي ڪهڙيءَ ڳالهہ ڪري
ٻنهي ديوانن جو مضمون ۽ ڪلام ساڳيوئي
آهي“ (١).

ٻنهي شاعرن جي ديوانن ۾ اسان کي اهڙا ڪافي غزل
ملن ٿا، جي هڪٻئي جي تتبعي تي چيا ويا آهن. مثلاً:

قاسم ـــ

جنين سندو تہ هجي فيض عام تازه و تر،
منجهان محبت مَي ڏين جام تازه و تر.
اُميد آس اٿم من اندر تہ مانَ منجهيم،
پهچي پريت پيارل پيام تازه و تر.
نهار نيڻ ڪٽي تون نشاط دل جي لاءِ،
تہ آهي محبت وارو مقام تازه و تر.

فاضل ـــ

سڏاءِ ساٿي سرہ نو سلام تازه و تر،
پڄاءِ محڪم مصنف پيام تازه و تر.

---

(١) ”ديوان قاسم“، تمهيد، ص ٣١.

خوار ٿيڙو خورشيد خوف خسف ڪنان ،
پسي پري ٿي غالب غمام تازه و تر .
ڪلور پيڙو ڦهري جهان ۾ ڏس ،
حلال ويڙو نڪري ، حرام تازه و تر .

(ب) پنهنجي شاعرن جي ڪلام ۾ اسان کي نصيحت جي نڪتن جي ڪثرت نظر اچي ٿي. قاسم جي شعر مان ته ڪٿي ڪٿي سعديءَ جو انداز پيو بکي . ائين ٿو معلوم ٿئي ، ڄڻ هڪ صوفي پنهنجي نصيحت ۽ حڪمت جو دروازو پڌڻ وارن تي کولي رهيو آهي . فرمائي ٿو :

دنيا سان م رک يار ياري ڪڏهن ،
جو ڪنهن ساڻ آن پت نه پاري ڪڏهن .
طلب آن سندي محض تاوان آهه ،
م ڪر لاءِ تنهن تات تاري ڪڏهن .
دنيا ڪوڙ ، سان ڪوڙ جا گڏ ٿئي ،
نه ڪنهن عارفن ري وساري ڪڏهن .
ڪري غير جي ترڪ 'قاسم' طلب ،
ڪجي ڪاڻ طاعت تياري ڪڏهن .

قاسم جي هن غزل ۾ جا سلاست ۽ سادگي آهي،

تنهن کي ڏسي ، هيئن وسهڻ جو سبب آهي ته هن باڪمال شاعر غزل جي صنف کي اوج تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. قاسم ۽ فاضل ، گل جي بنياد تي عمارت تيار ڪئي ، ۽ هو صحيح معنيٰ ۾ غزل جا معمار آهن. فاضل جي غزل ۾ تصوف جو عنصر به ڏسڻ وٽان آهي. فرمائي ٿو:

چوان ٿو چتائي ، چڱي آهه چپ ،
تڪلم تڙائي ، چڱي آهه چپ.
نه ڪر قول افراط تفريط سان ،
مين مت منجهائي، چڱي آهه چپ.
سياڻپ سندو سوجهرو سچ سڪوت ،
هنئين ۾ هلائي ، چڱي آهه چپ.
نه ڪر بات بيجا ، بجا بات ڪر ،
وري پڌ ورائي ، چڱي آهه چپ.

(ت) فاضل شاهه ۽ قاسم جي غزلن ۾ اسان کي پارسي بندشن جو استعمال گهڻو نظر اچي ٿو ، ۽ علم بديع جون صنعتون به جابجا نظر اچن ٿيون. سيد فاضل شاهه کان وڌيڪ پارسي بندشن جو استعمال قاسم ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي ته سڄي مصرع پارسيءَ جي رنگ

۾ رڱيل موجود آهي. مثال طور:

١- فڪر فاسق فساد، فند فنون،
منجهه وڏائي وڏي، وڏا ڪن ڪوڙ.
٢- مثل مشهور، خط نصف الملاقات،
مڪم محبوب، جيءَ جنسار ڏي خط.
٣- آهي منهنجو ڪلام قل و دل،
عيب واري منجهس نه آهي ال.

فاضل فرمائي ٿو:

خورشيد خوءِ خوبي، ثابت صفا سهائي،
اڄ ضد ان جو زشتي، ظلمات ٿو ڏسان آءٌ.

قاسم ۽ فاضل جي همعصر، حافظ 'حامد' جي ديوان ۾ اسان کي، بنسبت قاسم ۽ فاضل جي، غزل جو معيار علحدو نظر اچي ٿو. مولانا دين محمد وفائي "ارمغان حامد" جي تمهيد ۾ لکي ٿو:

"حافظ صاحب جي ڪلام ۾ جا رواني، سادگي، سلاست ۽ لفظن جي تجنيس موجود آهي، ان جي لطف ۽ لذت جو اندازو انهن ماڻهن کان پڇڻ گهرجي، جن کي سنڌي زبان جي محاورن ۾ دسترسي ۽ شعر- شاعريءَ جو مذاق آهي."

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ حامد غزل جي صنف ۾ هڪ نئين راهہ قائم ڪئي، جنهن ڪيس سندس پيشروئن کان ممتاز بنايو آهي. سندس ٻہ مکيہ امتيازي خصوصيتون هي آهن: ١- بيان جي سادگي ۽ غزل جو مسلسل هجڻ، ۽ ٢- سنڌي ماحول جي ترجماني. سسئيءَ جي ڪيفيت ڪي هڪ غزل ۾ جنهن سادگيءَ سان ادا ڪيو اٿس، تنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڪيس هڪ تمثيل جي بيان ڪرڻ ۾ ڪيڏي نہ نظم جي قوت حاصل آهي. اهڙيءَ حالت ۾ سندس غزل، قصيدي جي صورت کان سٽي، نظم جي صورت وٺي ٿو بيهي. هن ڪي ئي قادرالڪلامي ڇئبو آهي. چوي ٿو:

ڪالهہ جن لئہ ٿي ڪتيم، سي هوت هٿ هاريون نہ اڄ،
ڪَس اچي ڪيچين سوا، ڀنڀور بازاريون نہ اڄ.
کان قابو قرب جو، جيڏيون، هنيو جوڙي جتن،
ٻانڍ ٻاروچي ٻيون ڪي، مون مٿل ماريون نہ اڄ.
چوٽين چڙهنديون چريون، ڏوريندڀون ڏونگر ڏکيون،
هيڪلي هاڙهو سئينديون، هاءِ هوشياريون نہ اڄ.

ٻئي هنڌ سسئيءَ جي غمزده حالت جو نقش هيئن ٿو ڪڍي:

پنهل کان پوءِ ٻاڙيچيون، ڪتي ڇا ڪاج ڪارينديس،

الوڙي ارت ۽ آٽڻ ، ٻنهي کي ھاڻ ٻاريندي‌س.
نپر منهنجو نہ آهي نينهن، آريءَ جام سان اصلا،
جڏهن ڇا جانڪ هوندم، هڏ سڃڻ کي لئي سنپاريندي‌س.

اهڙيءَ طرح، عمرمارئيءَ، سهڻيءَ ۽ ليلا جي داستانن کي غزل جي صنف ۾ آڻي، سنڌي ماحول جي ترجماني ڪئي آهي. اهڙن غزلن کي پڙهندي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هن شاهہ عبداللطيف جي ڪلام کي نئين رنگ ۾ آڻي، سندس ئي تخيل جي ترجماني ڪئي آهي. مارئيءَ جي رنگ ۾ لکي ٿو:

کنوڻ ڪائڙ تي کوندي رات جهڙ جاڳائيم جهوري،
پروڪا سارئم پدڙا، لهي لک سين نہ سون لوري.
ترايون تار تازي سين، پٽن تي پوڄ پاڻي ڏيا،
وطن ۾ ڪيون وٽڻ جهڙيون، منڌيڙن ماڻريون موري.
ڇري چوڏس چلڙ ۾ ڏيا متارا مال مارن جا،
پٽن ۾ ٿيون پٽن پيڙيون، ڪکي ۽ کونڀ ڪانوري.

هن غزل کي پڙهندي، ائين معلوم ٿو ٿئي، ڄڻ اسين لا کيٽي لعل لطيف جي ڪلام کي پڙهي رهيا آهيون. حافظ حامد جي غزل جي صنف ۾ هيءَ وڏي ڪاميابي هئي. هن ان دور جي ٻن ڪامياب شاعرن، قاسم ۽

فاضل جي راھ، کان ھٽي، پنھنجي ھڪ نئين راھ قائم ڪئي، جنھن جي پوءِ ٻين شاعرن عموماً تقليد ڪئي.

غزل جي ھن نئين حيثيت قائم ڪرڻ کان سواءِ، حامد جي غزل جي ٻي خصوصيت آھي سلاست ۽ رواني. سندس غزل ۾ گل ۽ بلبل جو ذڪر گھٽ، ۽ پنھنجين ملڪي روايتن جو ذڪر وڌيڪ نظر اچي ٿو.

سندس شعر جي سلاست ھيٺين مثالن مان صاف نظر ايندي:

ھيم ڏوري جنين جي ڏينھن راتو،
ونئي تن جي خبر آيو ڪيانتو.
چيو مشتاق ڪي مخفي مڙوئي،
پکي پيغام پرين جو پيراتو.

......

عجب رمز ھڪ عشق واري عزيزو،
طلب جنھن ۾ ٻي ڪانہ تاري عزيزو.
ڪري قطع ڪلّي تعلق توسّل،
لڳي قرب جي جنھن ڪتاري عزيزو.

......

سحرگه سير بستان ۾، چمن پاسي ٻڌم چٽ چٽ،
چيو ٿي باغبان بلبل کي، ڪليو گل، صبا کان سڻ.
ڪي شائق شان شوڪت جا، ڪنين کي دل مٿي دولت،
مٺي محبوب جي مون کي، اندر ۾ آھ نت آڻ ترڻ

بهرحال، حامد جي غزلگوئيءَ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين دور جي ابتدا ڪئي، جنهن ۾ گل، قاسم ۽ فاضل جي طرز سان گڏ، جدت جو رنگ به پيدا ٿيو، جنهن اڳتي هلي غزل جي صنف کي وڏو فروغ ڏنو. شعر ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾، سنڌ جي اصلوڪي، بيت ۽ ڪافيءَ جي صنفن واري شاعريءَ تي زوال چانئجي ويو.

## ٽيون دور

غزل جو ٽيون دور، ٻئي دور کان زياده اسيد پريو نڪتو. هن زماني ۾ باقاعدي مشاعرن جو رواج پيو. جيتوڻيڪ 'قاسم' ۽ 'فاضل' جي زماني ۾ به مشاعرا ٿيندا هئا، پر انهن جو واسطو فارسي غزل سان هو. فارسيءَ جي مشاعرن کي ڏسي، انهن جي تقليد ۾، سنڌي مشاعرن جو به رواج پيو. اهي مشاعرا گهڻو ڪري مير عبدالحسين خان "سانگيءَ" وٽ ٿيندا هئا. ميرصاحب حڪمران ٽالپرن جي گهراڻي سان هو، ۽ ان وقت جي شاعرن ۾ وڏو درجو رکندڙ هو. مشاعرن جو اهو رواج، پوءِ ان وقت جي شايع ٿيندڙ رسالن ۾ نظر اچي ٿو، جهڙوڪ "تحفه احباب"، جو محمد هاشم 'مخلص' جي ادارت هيٺ نڪرندو هو، ۽ "بهار اخلاق"، جو اسدالله

شاهہ جي ايڊيشنريءَ ۾ نڪرندو هو. انهن پنهجي رسالن ۾ هر پيري ڪا نہ ڪا مصرح طرح ڏني ويندي هئي، جنهن تي ان وقت جا شاعر طبع آزمائي ڪندا هئا. هن قسم جي مشاعرن بہ غزل جي صنف کي وڏي ترقي ڏني. انهن ۾ حصو وٺندڙ شاعرن مان هيٺيان نالا قابل ذڪر آهن: ١- محمد هاشم 'مخلص'، ٢- حڪيم فتح‌محمد سيوهاڻي، 'صغير'، ٣- مير علي نواز علوي، شڪار پوري، ٤- سيد غلام مرتضيٰ 'مرتضائي'، نئوي، ٥- مخدوم صلاح‌الدين 'احقر'، ٦- حاجي امام‌بخش 'خادم'، ٧- سيد اسد الله شاهہ 'فدا'، ٨- غلام سرور 'سرور' قادري، ٩- غلام محمد شاهہ 'گدا' حيدرآبادي، وغيره.

انفرادي طور، غزل جي صنف کي هن دور ۾ جنهن صاحب حقيقي طرح ترقي ڏني، آهو مير عبدالحسين خان 'سانگي' هو. حافظ حامد کان پوءِ کيس ئي سنڌ جي بهترين غزلگو شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. غزل جي صنف ۾ سندس بہ ضخيم ديوان موجود آهن. سانگيءَ کي غزل جي صنف ۾ جو انفراديت حاصل آهي، تنهن جو سبب هيءُ ٿي سگهي ٿو تہ منجهس مضمونن جو تنوع ۽ ندرت موجود آهي. سانگيءَ پنهنجي غزل ۾

ايراني غزل جون سموريون خصوصيتون ۽ روايتون نهايت ديانتداريءَ سان اختيار ڪيون آهن . سانگي، ان ڪري، پنهنجي متقدمين ۽ همعصر شاعرن ۾ امتيازي درجو رکي ٿو.

### ١. سانگي .

سانگيءَ جو غزل، صفائي ۽ روانيءَ جو مثال آهي. سندس دور ۾ پيا به ڪيترائي قادرالڪلام شاعر ٿي گذريا آهن — جهڙوڪ 'مخلص'، 'صغير'، 'خادم'، 'مرتضائي'، 'گدا' ۽ 'قادري' — پر حقيقت هيءَ آهي ته سانگيءَ جي ڪلام ۾ جيڪا شگفتگي، شيريني ۽ رواني آهي، سا ٻين ۾ گهٽ آهي. تصوف، اخلاق ۽ فلسفو به وٽس موجود آهي . اسلوب جي خوبصورتيءَ سندس شعرن کي دلڪش بنائي ڇڏيو آهي . جيڪي ڪجهه چيو اٿس، سو پنهنجيءَ دل جي جوش ۽ طبيعت جي آمنگ کان چيو اٿس ، ۽ ٻين اڪثر شاعرن وانگر رڳو هيئت جي ظاهري پورائيءَ کي مقصد نه بنايو اٿس . سانگي جڏهن عشق ۽ محبت جو داستان ڳائي ٿو، تڏهن سندس زبان نهايت صاف ۽ شسته آهي . سندس شعر روان، ۽ بندشون چست آهن . جيئن چوي ٿو:

بي سبب ناهہ پريشان ٿي سندم دل، دلبر،
ياد تنهنجو، اي پرين، زلف پريشان آيو.
شب ِ فرقت ۾ ڏسي حال سچو منهنجو ڏکيو،
صبح صادق به ڪري چاڪ گريبان آيو.

......

برملا جي ڪريان حال ِ شب ِ هجران آءٌ،
صبح صادق جو ڪريان چاڪ گريبان آءٌ.
آهيان پيچيدهٔ قسمت ڪان ٿيو پيچيدو،
زلف پرپيچ ۾ تنهنجي ٿيو پيچان آءٌ.

غزل دلي جذبات ۽ قلبي واردات کي ظاهر ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. ستين شعرن مان ان جو پوريءَ ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪيڏيءَ نه سادگيءَ سان دوست جي فراق جو ذڪر ٿو ڪري:

فرقت ِ يار جو بيان ڪهڙو،
آءٌ ڪريان، ناهہ طاقت ِ گفتار.
دل ڏيڻ جا ۽ دل ستائيءَ جا،
ڪهڙا ڪهڙا نه ڏنا مون اسرار.

دل جي غمزده ڪيفيت ۽ انتظار کي لفظن جو ويس پهرائي، ان جي ڪهڙي نه دردمند صورت پيدا ڪئي

اٿس. اسلوب جي انهيءَ ندرت کي ڏسي، سنڌ جي هڪ نوجوان نقاد 'سانگيءَ' جي لاءِ ڪهڙي نہ عمدي راءِ ڏني آهي:

" اسلوب جي ندرت غزليہ شاعريءَ جي وڏي ۾ وڏي خاصيت سمجهي وڃي ٿي. شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن بہ معمولي خيال کي نزاڪت بخشي ان ۾ زور ۽ حسن پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. سانگيءَ جي ديوان ۾ ان جا بهترين مثال ملن ٿا. شمع شام کان وٺي صبح تائين ڳرندي رهي ٿي، ان جي ڳرڻ ۽ پگهرجڻ کي سانگيءَ 'اشڪبار' جي لفظ ۾ بند ڪري ڪيترو نہ حسن پيدا ڪيو آهي:

هر هر ڏٺو ٿي حالِ دلِ بيقرار شمع،
ٿئي شام کان ٿي تا بہ سحر اشڪبار شمع.

"آئيني ۾ عاشق جڏهن پنهنجي شڪل ۽ صورت ٿو ڏسي، تڏهن سندس حالت تي خود آئيني ۽ محبت کي بہ افسوس ٿو ٿئي. سانگي هن خيال کي ڏسو تہ ڪيتري نہ نزاڪت بخشي آهي، ۽ 'ششدر' لفظ کي ڪيترو نہ وڻندڙ بنايو اٿس:

آئينو بہ ششدر ٿيو، ڏسي مون کي مشوش،
هيءُ حال ڏسي منھنجي ٿي حيران محبت.

"سانگيءَ، اهڙيءَ ريت، اسلوب جي ندرت جا بهترين مثال پيش ڪيا آهن"(١).

مٿينءَ راءِ کي سامھون رکندي، هن حقيقت جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو تہ سانگيءَ سنڌي غزل ۾ اهي فني نزاڪتون آنديون، جن جو وجود اسان کي ڪانئس اڳ جي شاعرن ۾ بنهہ ڪونہ ٿو ملي، ۽ پوين شاعرن مان ڪن ٿورن ۾ نظر اچي ٿو. هو ڪٿي تہ اردو ۽ فارسي شاعرن جي غزليہ شاعريءَ سان وڃي ٿو ٽڪر کائي.

اسلوب جي ندرت جا بهترين مثال سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. هيٺيون مثال تہ سندس شاعريءَ جو غير فاني مثال آهي:

هي فڪر مون کي آهي تہ عقبيٰ ۾ ڇا ڪريان،
دنيا ۾ تو تان ساھہ ۽ سر ٿيو نثار جي.

سانگيءَ جي هن بلند خياليءَ کي سنڌ جو ڪوبہ غزلگو شاعر پهچي نٿو سگھي. اهوئي سبب هو جو هن دعوا ڪئي هئي:

---

(١) احسان احمد بدوي: "سنڌ مسلم ڪاليج مخزن"، ص ٦٧.

اسان جي عشق جون ڳالهيون سدا ڳوڻن ۾ ڳائيندا،
اسان جي نظم کي مطرب ته ساز تي سُرائيندا.
چيـو مشاط زلف نازنين آهـن نندا، آخـر
بلاي جان تڏهين ٿيندا، جڏهن هي پيچ پائيندا.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سانگيءَ غزل جي صنف کي سنڌي زبان ۾ وڏي اوج تي پهچايو. تشبيهون ۽ استعارا غزل جي جان آهن، سانگيءَ انهن کي بر محل ۽ خوش اسلوبيءَ سان ڪم آندو آهي مثال طور:

نڪتو سحاب سان جڻ خورشيد،
منهن تان جو لاٿو يار نقاب.

......

پير تنهنجي جو نُهن لئل آهي،
ماهِ نو آسمان تي ٿيو روشن.

حقيقت ۾ شعر جي خوبي اها آهي ته ان کي پڙهي، ان جي بهتر هجڻ جو اعتراف ڪجي. هيئنئين شعر کي ڏسو، ان ۾ نه خيال جي ندرت آهي ۽ نه وري اسلوب جي جدت، پر تنهن هوندي به لفظن جي بندش ۽ ان جو تاثير پڙهندڙ کي ڪشش ڪري ٿو وٺي:

طبع منهنجي سان بمدحِ آتشين رخسار روز،
پيءُ به پيءُ ڪاهيو اچن، مضمون آتش بار بار.

سانگيءَ جي شاعري ڪا اهڙي شي نہ آهي ، جو اُن تي سطحي نظر وجهڻ سان سڀئي خوبيون پڌائي سگهجن. ان لاءِ تفصيلي مضمون جي ضرورت آهي. هن ننڍي مقالي ۾ چند فني خوبين جو مختصر بيان ڪيو ويو آهي. بهرحال، ائين چوڻ ۾ مبالغو نہ ٿيندو تہ سانگيءَ جي غزل ۾ آفاقيت ۽ همہ گيري آهي، جيئن پاڻ چوي ٿو:

سٽي 'سانگي' سخن تنهنجا، چوي 'حافظ' روا باشد ،
ڪہ بر نظمِ تو افشاند فلڪ عقدِ ثريا را!

## ٢. مرزا قليچ بيگ .

مير عبدالحسين 'سانگيءَ' جي همعصر غزلگو شاعرن ۾، شمس‌العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو نالو بہ اچي ٿو. مرزا صاحب نہ فقط غزل جي صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، پر رباعي، قطعو ، نظم ۽ قصيدو بہ لکيو اٿس ، ۽ پاڻ هڪ مکيہ شاعر شمار ٿئي ٿو. تازو سندس ”ديوان“ سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي شايع ڪيو آهي. قليچ جي غزلگوئيءَ تي نظر وجهڻ کان اڳ ۾، اسين ”ديوان قليچ“ جي تمهيد تي نظر وجهون ٿا، جو مرزا اجمل بيگ ، سندس فرزند ، نهايت ڪاوش سان لکيو آهي. هو غزل جي توصيف هيئن ٿو ڪري:

”غزل جا اصل موضوع، زندگي جي المناڪي ۽ محبت جو سوز ۽ گداز آهن. عشق جي ڪيفيتن ۽ زندگيءَ جي وارداتن کي دلسوزيءَ ۽ دردمنديءَ، نرميءَ ۽ لطافت سان بيان ڪرڻ جو نالو غزل آهي. شيفتگي ۽ خود گزاشتگي، انهماڪ ۽ محويت، خستگيءَ ۽ رنجوريءَ سان تغزل جو خمير نهيو. پر اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جتي انهن ڳالهين جو فقدان ٿيو، اتي جڻ تغزل جو فقدان ٿيو“(١).

اجمل بيگ صاحب، قليچ جي غزلگوئيءَ تي هيٺينءَ ريت پنهنجي راءِ ڏني:

” غزل جو مضمون اڪثر عشقيہ ٿيندو آهي، جيئن ان جي نالي مان ظاهر آهي؛ پر قليچ جي غزلن جا موضوع مختلف آهن... قليچ غزل ۾ پڻ خارجي خوبين، جهڙوڪ رواني، رعايت لفظي، چست محاورن، ترنم آفرين وزنن، تڪلف ۽ تصنع کان يڪ قلم گريز ڪري، داخلي خوبين، يعني معنويت، ذاتهن گهٽوتوجهہ ڏنو آهي“(٢).

---

(١) مرزا اجمل بيگ: ”ديوان قليچ“ تمهيد، ص ٢٩
(٢) ايضاً، ص ٦٦

مرزا صاحب جي غزلن جو مطالعو ڪندڙ، مرزا اجمل
بيگ جي راءِ سان بلڪل متفق ٿيندو. هن حقيقت ڪان انڪار
ٿي نٿو سگهي ته مرزا صاحب غزل جي صنف ڪي نهايت
عمديءَ طرح سان نڀايو آهي، پر هيءَ آمد نه آهي بلڪ
آورد آهي. آورد جي ڪري، اهو سوز و گداز جو سانگيءَ
جي غزلن ۾ موجود آهي، تنهن جو مرزا صاحب جي
غزلن ۾ فقدان نظر اچي ٿو. سندس تصنيف "سوداي خام"
۾، جا سندس جوانيءَ جي تصنيف آهي، غزل چست ۽
لطافت سان پريل نظر اچن ٿا. پر جيئن جيئن سندس عمر
۾ اضافو ٿيندو وجي، تيئن تيئن سندس غزلن ۾ عالمانو
رنگ پربو نظر اچي ٿو؛ جنهنڪري هو تصوف ۽
فلسفي ڏانهن مائل ٿي ويو. ان ڪري، ظاهر آهي ته
سندس غزل ۾ شيفتگي ۽ دردمندي، دلسوزي ۽ خستگيءَ
جي کوٽ نظر ايندي. پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته
مرزا صاحب سنڌي غزل کي هڪ نئين ڍنگ سان آشنا
ڪيو. سندس غزلن جو مضمون گهڻو ڪري تصوف،
اخلاق، فلسفي ۽ معرفت تي ٻڌل آهي. اهڙيءَ حالت
۾، 'سانگيءَ' جي تغزل سان سندس ڪابه پيٽ ٿي نٿي
سگهي. عشق ۽ محبت جو بيان ڪندي به هو تصوف

۽ فلسفي ڏانهن هليو ٿو وڃي. مثال طور:

عشق ري ماڻهو، جسم جان بگر،
پٽ جو نقش آهي سو، يا وڻ ري ڦر.
دل جا مائل نہ آهہ دلبر ڏي،
گوشت جو سا ٽڪر يا آهي پٿر.

......

محشر ۾ اڄن سڀ ڪٽي تحرير بغل ۾،
آئيان آءٌ ڪٽي يار جي تصوير بغل ۾.
بازار خدا جي ۾ ڪندس ڪهڙو آءٌ سودو،
هٿ هن جي ۾ بخشش، سون ڪي تقصير بغل ۾.

......

تون عيان ۾ نهان، نهان ۾ عيان،
بي مثل، بي نشان، تون سڀ جو نشان.
جڏهن نهاريان نهان، عيان آهين،
جڏهن ڳوليان عيان، تون آهين نهان.

تصوف ۽ فلسفي جي انهيءَ دخل جي باوجود، جڏهن هو غنائي شاعريءَ ڏانهن متوجهہ ٿئي ٿو، تڏهن سندس غزل ۾ دلڪشي ۽ دل آويزي پيدا ٿي وڃي ٿي، جنهن جا ڪيئي مثال سندس ديوان ۾ ملن ٿا:

قٽيءَ جان جيسين ڪارائي نہ چيرئي،
تون محبوبن جي وارن کي نہ رسنديں .
مٺيءَ تنھنجيءَ مان جيسين ٿئي نہ ڪوزو،
چپن تائين نگارن کي نہ رسنديں .

. . . . . .

چشم ميگون مثال نرگس مست ،
تنھنجي خوني خمار تان صدقي .
جان منھنجي ٿي هڪ ۽ ناز هزار ،
هڪڙو ڪئن ٿئي هزارتان صدقي.

. . . . . .

محبت ۾ مٺي محبوب جي ناهي سرڻ مشڪل،
ڪڏي مون ساهہ ڪيو صدقي، قضا کي هٿ ڇا آيو .

. . . . . .

عشق ۽ حسن جي تون وصف ڪنديں ڪھڙي 'قليچ،'
عشق دولت ٿيو ۽ حسن ٿيو نعمت منھنجي .

غزل جي صنف ۾ قليچ جو پايو ايترو بلند هجي يا نہ، مگر ان ڳالھہ کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ سگھندو تہ هو هڪ نئينءَ تحريڪ جو باني هو، ۽ انھيءَ ڪري سنڌي ادب جي تاريخ ۾ وڏي درجي جو مستحق آهي .

غزل ۾ هڪ جديد تصوير کي پيدا ڪري ، هن پنهنجي انفرادي حيثيت پيدا ڪئي ، ۽ سندس ئي رکيل بنيادن تي جديد دور جي شاعرن پنهنجون پنهنجون عمارتون تعمير ڪيون آهن ، جيئن پاڻ فرمائي ٿو :

هي وعظ تنهنجو وصيت ، هي قول تنهنجو ، 'قليچ'
قبول پير و جوان ، خاص و عام ٿيندو نيٺ .

۳. غلام محمد شاهه 'گدا'

غلام محمد شاهه 'گدا' حيدرآباد جو رهندڙ ، وڏو غزلگو شاعر ٿي گذريو آهي ، جنهن جي شعر جو مجموعو ، ''ڪليات گدا'' جي نالي سان ، سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي . گدا کي مير عبدالحسين سانگيءَ جي استاد هجڻ جو شرف به حاصل هو . سانگي سنڌس سخنوريءَ جو اعتراف ڪندي فرمائي ٿو .

ڪي غزل پهرين 'گدا' جهڙو سخنور جي چوي ،
بيمثل جو آهي اقليم سخن جو شهسوار .
آهه سو هن عصر ۾ ٿيو ابر نيسان سخن ،
تو ڪيئي دل جي صدف مان صاف دُرِّ آبدار .

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته 'گدا' جي غزل ۾ وڏو زور آهي ، مگر 'سانگيءَ' جي غزل جو ڪو پيو درجو

آهي . 'سانگي' ۽ 'گدا' ڪيترائي غزل هڪٻئي جي تتبع تي چيا آهن ، ۽ ڪڏهن هڪ رنگ ۾ به چيا آهن . اهڙيءَ حالت ۾ سندن پيٽ سولي تي پوي ٿي . مثال طور ، سانگي چوي ٿو :

اسان جي عشق جون ڳالهيون ادا ڳونن ۾ ڳائيندا ،
اسان جي نظم کي مطرب ته سازن تي سرائيندا .

گدا شاهه چوي ٿو :

اسان جي درد جا دونهان، اسان جا يادگار آهن ،
اسان جا هي غزل سهڻا ، سرائيندا ، سڻائيندا .

سانگيءَ جو شعر ڪيڏو نه فصيح ۽ حقيقت کي قريب آهي ؛ مگر گدا شاهه جو شعر آورد پيو معلوم ٿئي . آن کان سواءِ، زبان جي لحاظ کان به اصلاح جو محتاج آهي ."دونهون" هڪ اهڙي شي آهي، جا گهڻيءَ دير تائين موجود نه رهندي آهي . تنهن کان سواءِ ، 'سهڻا' پرتيءَ جو لفظ آهي، ۽ 'سرائڻ' سان گڏ 'سڻائڻ' جو لفظ اجايو پيو معلوم ٿئي .

سانگي چوي ٿو :

قسمتِ بد کان تي پيا آهن،
بي مروت سڄڻ، ڏڃڻ کان وڏيڪ .

گدا چوي ٿو:

آهہ ضرب المثل لچائيءَ ۾،
پر نہ ابليس ٿيو، ڏچڻ کان وڏيک.

’سجڻ‘ ۽ ان جي ضد ’ڏچڻ‘ جي تڪرار واقعي شعر کي زمين کان کڻي آسمان جي بلنديءَ تي پهچايو آهي. پر گدا ’لچائيءَ‘ جي لفظ کي آڻي، شعر کي ابتذال جي حد تي پهچايو آهي. ان بعد بہ گدا ۽ سانگيءَ جي فڪر، غزل کي وڏي ترقي ڏني.

۳. حاجي امام بخش ’خادم‘.

تازي دور ۾ غزل جا جيڪي تجربا ڪيا ويا، انهن ۾ ”خادم“ جو مقام هن ڪري علحدو آهي، جو هن غزل ۾ مسلسل مضمون کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هيءُ ڪو نئون تجربو ڪونہ هو. هن ڏس ۾ ’قاسم‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جو نالو خصوصيت سان وٺي سگهجي ٿو. مگر ’خادم‘ جي ڪليات کي کڻي ڏسبو تہ هر غزل هن قسم جي تجربن سان پريل نظر ايندو. هن نئين رنگ سبب، غزل جو مضمون وسيع کان وسيع بڻجي وڃي ٿو. مثال طور:

وڃي چئہ، اي صبا، نامهربان کي،
وساري بي سبب وينين اسان کي؛
ٿيو جي ڏوهہ هو ڪوئي اسان کان،
رکڻ واجب نہ هو شڪ ۽ گمان کي؛
هزارين سور آهن ساهہ اندر،
ڇوڻ مشڪل آهي درد نهان کي؛
ڪريان اظهار ڇا دل جي تمنا،
ڪٿي طاقت اٿم منهنجي زبان کي؛
اڪيلو ٿو وڃي 'خادم' سفر تي،
ڏجو پيغام مير ڪاروان کي.

مسلسل مضمون جو ٻيو مثال:

ڪالهہ ميخاني جي در تي، هئن چيو ٿي ميفروش،
هو ڪڪر آيو چڙهي، رندو! اٿو، ٿي ناؤ نوش؛
زندگي بي پيروسي، دنيا جو واڌو فڪر و غم،
هان پيئو، آ ساترالعيوب پنهنجو پرده پوش؛
محتسب! اڄ ڏي اجازت، جئن فراغت سان پيئون،
مينهن جي ڪڻ ڪڻ ۾ ساقي مست آ مينا بدوش.
سڄي غزل ۾ مينهن جي آمد ۽ مينوشيءَ جو ذڪر
آهي. مضمون جي تسلسل سبب، غزل ۾ عجيب ڪيفيت

اچي وئي آهي. اهڙيءَ ريت، بهر حال، هن دور ۾ غزل جي صنف کي جدا جدا پهلوئن کان وڏي پختگي ۽ وسعت حاصل ٿي.

## چوٿون دور

چوٿين دور جي غزلگو شاعرن جي انفرادي حيثيت کان واقف ڪرڻ کان اڳ، هڪ اهڙيءَ تحريڪ جو بيان ڪرڻ ضروري آهي، جنهن جي ڪري غزل جي صنف کي سنڌي زبان ۾ وڏي هٿي ملي. اها تحريڪ هئي لاڙڪاڻي ۾ "جمعيت الشعراءِ سنڌ" جو وجود ۾ اچڻ. سن ١٩٢٠ع ۾، مرزا قليچ بيگ جي صدارت هيٺ، هڪ عظيم مشاعرو ٿيو، جنهن لاءِ طرح مصرع هئي:

'ستارو منهنجي قسمت جو، اوهان جي مهرباني آ.'

انهيءَ ميڙ ۾ سنڌ جا ان وقت جا چونڊ شاعر شامل ٿيا، جن مان علي محمد قادري، غلام سرور قادري، حڪيم فتح محمد 'صغير' (حڪيم)، حاجي محمود 'خادم'، محمد بخش 'واصف' ۽ نوازعلي 'نياز' جا نالا قابل ذڪر آهن. جمعيت الشعراءِ سنڌ جو سيڪريٽري حاجي محمود 'خادم' کي چونڊيو ويو، جنهن جي تحريڪ سان لاڙڪاڻي ۾

هر مهيني مشاعري جي محفل ٿيندي هئي. هرهڪ ماهياني مشاعري لاءِ مصرع طرح ڏني ويندي هئي، جنهن تي سيئي شاعر پنهنجي پنهنجي انداز ۾ غزل لکندا هئا. ٿورو پوءِ، حاجي محمود خادم جي ڪوشش سان، "اديب سنڌ" رسالو جاري ڪيو ويو، جنهن ۾ هرهڪ مشاعري جي ڪاروائي، شاعرن جي لکيل غزلن سميت، ڏني ويندي هئي. "اديب سنڌ" جي انهيءَ مشاعري واريءَ تحريڪ سبب، ڪيترائي غزلگو شاعر پيدا ٿيا. نون شاعرن جي رهنمائيءَ ۽ اصلاح خاطر، "اديب سنڌ" ۾ تنقيدي سلسلو به شروع ڪيو ويو، جنهن جي ذريعي غزل جي فن ڪي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ گهڻي مدد ملي. 'جمعيت الشعراءَ' جي قائم ٿيڻ سبب، لاڙڪاڻي ۾ چڱا غزلگو شاعر پيدا ٿيا، جن مان ڪن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

۱. علي محمد قادري (متوفي ۱۹۳۱ع).

مرحوم علي محمد قادريءَ جو ديوان شايع ٿي چڪو آهي. سندس غزلن ۾ اسان کي قديم ۽ جديد جو امتزاج نظر اچي ٿو. حسن ۽ عشق جي ڏنڍلي پر دل آويز تصوير انهن ۾ موجود آهي. مثال:

مه و خورشيد روشن ٿي، تنهنجي منهن کان ٿيو اظهر،
چوان ڪئن تنهنجي منهن کي نيّر اعظم، مهِ انور.
ڏسي اڄ حال ميخاني جو، حيرت کان ڪريا ڳوڙها،
نه سو ساقي، نه سا مينا، نه سو خم ۽ نه سو ساغر.
لڪيل منقار بلبل جي سان آهي هر ورق گل تي،
جگر جي خون سان منهنجو سمورو درد جو دفتر.
ڏسين جي شاهدِ معنيٰ ته ڏس آئينهٔ دل ۾،
مگر اَن کي تون اول صيقلِ 'لا' سان مصفا ڪر.
نه ٿي مغرور دنيا جي وڏائيءَ تي تون اي غافل،
رهي سيڪو مسافر ٿو، نه دنيا آ ڪنهين جو گهر.
رهين جي بحر دنيا ۾ ته مرغابي جان رهه آزاد،
اَڏامين 'قادري' جي تون ته آلو ٿئي نه تنهنجو پر.

٢. حاجي محمود 'خادم' (متوفي ١٩٠٨ع).

سنڌ جي بهترين غزلگو شاعرن ۾ سندس ڳالهه شمار ٿئي ٿي. هو فارسي ۽ اردو غزل جو پورو پورو پابند هو. ان هوندي به، جيئن چيو ويندو آهي ته چڱي شعر چوڻ وارو شاعر فقط عروض ۽ قافئي تي قدرت نه رکندو آهي پر شاعريءَ جو شعور به رکندو آهي، 'خادم' کي نه فقط عروض ۽ قافئي تي دسترس هئي، بلڪ مضمون

جي لحاظ کان به سنڌس غزل ۾ انفراديت ۽ جاذبيت موجود آهي. مثال طور هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو:

تمنا آخرين هيءَ آهي يا رب نيم بسمل جي،
رهي شل پاڪ دامن خون کان اڄ منهنجي قاتل جي.
ڏسي پرده نشين جو رخ، سزاي رشڪ پوڳي ٿو،
سياهي داغ جي متبي نه ڪڏهين ماهِ ڪامل جي.
چکي دل آهه دردن جي جا لذت دوستو دل سان،
ڪري ٿي مرحبا سرڪي تڏهين هرغم ۽ مشڪل جي.
جزاڪ الله اي 'خادم'، چيو اڄ شعر تو اهڙو،
نه ٿيندي همسري تنهنجي اڳيان مدِ مقابل جي.

۳. نوازعلي 'نياز' (متوفی ۱۹۰۹ع).

لاڙڪاڻي جي شاعرن ۾ مرحوم 'نياز' کي امتيازي حيثيت حاصل آهي. غزل جي زبان کي آسان ۽ عام فهم بنائڻ ۽ روزمره گفتگو جي قريب آڻڻ جو فن 'نياز' وٽ تمام گهڻو موجود آهي. 'نياز' جي غزل ۾ جذبو ۽ وجداني ڪيفيت موجود آهي، جنهن جي مند جي اڪثر غزلگو شاعرن ۾ گهٽتائي آهي. ان کان سواءِ سلاست، رواني ۽ تشبيهن جي فراواني وڌس گهڻي انداز ۾ موجود آهي. مثال طور:

نھاريو شمس رو ساقي، جو اج ٿي آتش تر ۾،
ته ان جي عڪس کان جڻ آفتاب اڀريو ٿي ساغر ۾.
نہ ڏس تون پاڻ کي آئيني ۾ پر پيچ پرين مون کان،
جو تنھنجي آ ڪيڏي تصوير بھتر مون تصور ۾.
ائين آھيان مان آب وصل خاطر تشنہ لب تو وٽ،
صدف پاڻيءَ جي لئہ پياسي رھي ٿي جئن سمندر ۾.
ڏٺو ديوانو اج ھشيار ۽ ھشيار ديوانو،
خبر ناھي تہ ڪھڙي سرڪ ھئي ساقيءَ جي ساغر ۾.
تمنا فوت ٿي، اميد ٿي برباد، اي ظالم،
تڏھن آئين، جڏھن ناھي رھيو ڪجھہ دل سندي گھر ۾.
'نياز' آخر ۾ رھندو درد ھي آن جو ٿي دل مون وٽ،
ڏئي موٽائي دل، اميد ناھي اھڙي دلبر ۾.

۱۷. ھدايت علي 'نجفي' (متوفي ۱۹۱۲ع).

'نجفيءَ' پنھنجو تخلص، پوئين حياتيءَ ۾ بدلائي 'تارڪ' رکيو ھو. سندس غزلن ۾ اڪثر تصوف جا نڪتا بيان ڪيا ويا آھن، جنھنڪري صوفي حضرات جي لاءِ انھن ۾ دلي طمانيت جو وڏو اسباب موجود آھي. سندس ديوان مان سنڌي ٻوليءَ جي وسيع ڄاڻ جو پڻ پتو پوي ٿو. مثال:

چڏيم هي جسم جي فاني تہ سارو ساهہ ٿي پوندس،
سدا پردهٔ عدم جي راز کان آگاهہ ٿي پوندس.
سهاري تارِ زلفِ مشڪبو جـي راهـ‌رو آهيان،
چڏيم هٿ ڪان جي هي رشتو تہ پوءِ گمراهہ ٿي پوندس.
جڏهن هي ترڪ ٿي ويندو سروسامان هستيءَ جو،
بقدرِ نيست ٿـي آزاد بي پرواهہ ٿـي پوندس.
وجودِ خاڪ لٿيو آهہ، منهنجو گوهرِ ذاتي،
غبارِ تن کان ٻاهر ٿيس تہ روشن ماهہ ٿي پوندس.
جڏهن الموت جسر آهي، تڏهن ناهي مرڻ جو غم،
فنا في الله مان 'نجفي' بقا بالله ٿي پوندس.

٥. محمد بخش واصف (متوفي ١٩٥٦ع).

محمد بخش 'واصف' مرحوم، حيدرآباد جو رهاڪو هو، ۽ ڪيس فوت ٿئي کي گهڻو وقت نہ گذريو آهي. هو پوئين دور جي غزلگو شاعرن ۾ بلند مقام رکندڙ هو. سندس غزل ۾ سانگيءَ جي دقت پسندي، ۽ قافئي پيمائي نظر ايندي. غزل جون ارتقائي منزلون، جي سانگيءَ جي جذبهٔ شوق سان طي ٿي چڪيون هيون، تن ۾ جيڪڏهن ڪا گهٽتائي رهجي ويئي هئي تہ ان کي 'واصف' پورو ڪيو. انهيءَ ڪري ئي ڪيس

همعصر شاعرن 'استاد الشعراءَ' جو لقب ڏنو. وٽس قديم ۽ جديد جو ميلاپ آهي، ۽ سندس غزل ۾ عشق جي گرمي ۽ شدت موجود آهي. مثال:

آهيان مان ازل کان ميءِ آشامِ محبت،
پيتم نہ ڪڏهن جام سوا جامِ محبت.
راحت جي طلب ڏي چڏي، رهہ رنج سان خوگر،
چا ٿيندو خبر ناهہ تہ انجامِ محبت.
قربان ڪرڻ جان، ڏيڻ سر، اها سنت،
سودا ڪچو سر ۾ چا اهو نامِ محبت.
صورت ۾ گرفتار مگر معنيٰ ۾ آزاد،
جو مرغ اسيرِ گرهِ دامِ محبت.

'واصف' جي غزل ۾ اسان کي جتي تصوف جو رنگ جهلڪندو نظر اچي ٿو، اتي حسن ۽ عشق جي نفسيات جون پيچيدگيون بہ نظر اچن ٿيون؛ جنهنڪري سندس غزل رنگين کان رنگين‌تر بڻجي پوي ٿو. ڪٿي ڪٿي سندس شعر ۾ خمريات جو ذڪر بہ اچي ٿو، ۽ حيرت ٿئي ٿي تہ واصف جهڙي خشڪ زاهد ڪهڙيءَ ريت مَي ۽ مينا جو ذڪر ڪيو آهي. مثال:

پيار ساقي کو اڄ شتاب شراب،
پُر پيارج کو لاجواب شراب.
ڪھڙي سڌ حشر جي حساب سندي،
اڄ تہ پي چڏجي بي حساب شراب.
آ مينوشيءَ جي اھا عادت،
جو پيان ٿو بجاءِ آب شراب.
زاھدا، وٺ مزو کو دنيا جو،
يعني ڪجھہ نوش ڪر جناب، شراب.

ٻئي ھنڌ چوي ٿو:

جام جي بدران رکڻ گھرجي چپن تي دنگ کي،
خار ڏياريندي مگر زاھد کي ميخواري اھا.

عشق جي تصوير ھيئن ٿو ڪڍي:

سونھي ٿو عشق جو، دل پُرخون ۾ يار داغ،
سيني ۾ لالا جي ٿئي نظارہ‌دار داغ.
سيني سان منھنجي باغ برابر نہ ٿئي ڪڏھن،
ھن ۾ بہ چار، ھن ۾ رھن بيشمار داغ.

عشق جي آشفتگيءَ جو رنگ ھيئن ٿو آڻي:

دل۾، جگر ۾، سيني ۾، پڻ جان و تن ۾ آگ،
مطلب تہ آھہ عشق جي، ساري بدن ۾ آگ.

آتش هجران کان اهڙو خون پيو تهڪي سندم،
قطره قطره تي لڳي قاتل جي وئي خنجر ۾ آڳ.
طبع جي گرميءَ کان ڇا پرسوز ويا لکجي غزل،
’واصفا‘ گويا ٻري ٿي تنهنجي هن دفتر ۾ آڳ.

٦. ڪشنچند ’عزيز‘.

’عزيز‘ هاڻي سنڌ کان ٻاهر، هندستان ۾ ٿو رهي، مگر سندس ديوان ان وقت شايع ٿيو هو، جڏهن هو سنڌ ۾ ٿي رهيو. سندس غزل جو اسلوب ڪو نئون نہ آهي، پر سندس غزل ڪي پڙهندي هيءُ احساس ضرور ٿئي ٿو تہ منجهس شيريني ۽ رواني موجود آهي. ان کان سواءِ فلسفي ۽ تصوف جو هلڪو رنگ بہ منجهس موجود آهي. مثال:

عمل جو جامو جي دل جي ڪشتي نہ پائي، ڪنهن جو خيال رهندو،
تہ بحرِ دنيا ۾ بي ڪناري تي لڙ ۾ حيران حال رهندو.
جهان جو جاچ طبقو طبقو، مٿانهون مردن جو مان آهي،
ضعيف جو ٿيو الله واهي، هميشہ ٿي پائمال رهندو.
اٿي ڪا دنيا ۾ ڪار ڪر، جو پڇهي جهانن ۾ ٿئين اسر تون،
زمين تي مردن جي ڳالهہ رهندي، فلڪ تي جاه و جلال رهندو.

’عزيز‘ اٿ توري زندگي تي، گهڻو تيو ڪمستان هٽين هٿ، جي ڪجهہ بہ دنيا مان ڪونہ ڪٽندين، تہ منهن تي هڪ انفعال رهندو.

## حرف آخر.

موجوده دور ۾ غزلگو شاعرن جو تعداد ڪو گهٽ نہ آهي. سنڌ جي هرشهر ۾ مشاعرن جون محفلون عام طرح ٿينديون رهن ٿيون، جن ۾ شريڪ ٿيندڙ غزلگو شاعرن جو تعداد وڌندو نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ ڪن ادب پرور دوستن جي طرفان هيءَ ڪوشش ٿي رهي آهي تہ بيت ۽ ڪافيءَ واري قديم شاعريءَ کي نئين سر اُجاگر ڪيو وڃي، پر غزل جنهن مقام تي آهستي آهستي ترقي ڪري پهچي چڪو آهي، تنهن کي سردست متائڻ ڏاڍو ڏکيو نظر اچي رهيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ تہ غزل کي ويتر هٿي ۽ فروغ مليو آهي. موجوده دور ۾ سامعين وٽ غزل جيڪا فوقيت حاصل ڪري ٿو، تنهن جي اڳيان بيت ۽ ڪافيءَ جو چراغ جلندو نظر نٿو اچي. ان ڪري غزل جو مستقبل اجا بہ روشن نظر اچي ٿو.

موجوده دور جي غزلگو شاعرن ۾ جناب مخدوم ’طالب المولىٰ‘، شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘، لطف الله

’بدوي‘، ’سرشار‘ عقيلي، ’سرور‘ حيدرآبادي، عبدالحليم ’جوش‘، شيخ ’اياز‘، ۽ رشيداحمد لاشاري پنهنجو پنهنجو مقام رکن ٿا. انهن غزلگو شاعرن جي فن جي خوبين بابت ڪجهه ٻڌائڻ قبل از وقت ٿيندو. وقت اڳتي هلي خود ٻڌائيندو ته انهن مان ڪير ۽ ڇو صدر نشين ٿيڻ جي لائق آهي.

حڪايت بود بي پايان، بخاموشي ادا ڪردم.